# نعتيہ ڪلام



از

سيد سردار علي شاهہ "ذاڪر"

سنڌي ادبي بورڊ

واردات عشق عرف زاد ذاڪر

# نعتيہ ڪلام

از:

سيد سردار علي شاهه "ذاڪر"

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو سنڌ
2006ع

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن.]

ڇاپو پهريون سال 1983ع تعداد 1000
ڇاپو ٻيو سال 2006ع تعداد 1000

قيمت: پنجاهه رپيا
**[Price Rs. 50-00]**

خريداريءَ لاءِ رابطو
**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
**(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)**
**Email Address: sindhiab@yahoo.com**
**Website: www.sindhiab.com**

---

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

دنيا جي سمورين ٻولين جي ادب ۾ شاعريءَ بُنيادي طور ڌرمي ۽ مذهبي روايتن مان جنم ورتو آهي. ۽ مذهب ئي، ادب کي مختلف زاوين ۾ آڻي سماج جو آئينہ دار بڻايو آهي. جيئن تہ انساني سماج جي اوسر هڪ شعوري ڌارا جو نتيجو آهي، تنهنڪري اُن مان جنم وٺندڙ ادب جو نقطهٔ نظر ۽ مڪتبهٔ فڪر بہ پنهنجي سِر هڪ الڳ حيثيت رکي ٿو. ڪتاب 'نعتيہ ڪلام' بہ هڪ اهڙي ئي شعوري ڌارا سان تعلق رکي ٿو، جنهن جو تعلق سڌو سنئون مذهب سان آهي.

هن ڪتاب ۾ آقاءِ نامدار سيدنا حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن جي شانِ اقدس ۾ سنڌ جي نامياري شاعر سيد سردار علي شاهہ 'ذاڪر' جون لکيل نعتون پيش ڪيون ويون آهن. جناب رِسالتِ مآب سيدنا حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن جي شان ۾ جيڪو بہ ڪجهہ لکجي، سو گهٽ آهي. ڇاڪاڻ تہ حضور صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن جو شان ايڏو وسيع ۽ مبارڪ آهي، جو لکندڙن جا قلم ۽ ذهن عاجز ۽ قاصر آهن. ادارو هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو شايع ڪري دلي طرح سان خوشي محسوس ڪري رهيو آهي ۽ پڙهندڙ حضرات کان بہ ساڳي توقع رکي ٿو.

ڄامشورو، سنڌ
خميس ١٩- ربيع الثاني ١٤٢٧هہ
بمطابق 18- مئي 2006ع

**انعام الله شيخ**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

# فهرست


مقدمو ..... ..... حافظ خيرمحمد اوحدي (مرحوم) 22-1

نعتيہ ڪلام .... 98-23

شاعراڻي طبعيت کان ۽ سندس تخلص "ذاکر" کان بہ واقف هوس. پر مون کي اهو پتو نہ هو تہ کهڙي صنف تي طبع آزمائي ڪري ٿو ۽ کهڙي معيار جو شعر ٿو چوي. ان جو سبب اهوئي ٿي سگهي ٿو تہ ايتري قربت هوندي بہ، نہ مون ڪڏهن سندس شعر ٻڌڻ جي خواهش ڏيکاري ۽ نہ پاڻ ئي ٻڌائڻ ضروري سمجهيائين.

1967ع ۾ کيس نظر جي ڪميءَ جي شڪايت ٿي پئي، جنهنڪري روزمره جا مشاغل ترڪ ڪري ڪجهہ عرصي جي لاءِ گهر ۾ رهڻ تي مجبور ٿيڻو پيس. گهر ۾ ٻارن جي ڇهچڻي ۽ ڊاڪٽرن جي آمدرفت جي باوجود ڪنهن حدتائين يڪسوئي نصيب ٿيس. انهيءَ يڪسوئيءَ جي عالم ۾ قصيده برده جي مصنف امام بوصيري رحمة الله وانگر خيال ڪيائين تہ شفايابيءَ لاءِ ظاهري علاج سان گڏ روحاني علاج جي بہ ضرورت آهي. آقائي دوعالم رسول اڪرم ﷺ جن جي دامن ۾ پناهہ وٺڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونہ آهي. اهو خيال ڪندي ئي سندس توجهہ، جو اڳ ۾ زياده تر صحافت ڏانهن هوندو هو، هاڻي شاعريءَ ڏانهن منعطف ٿي ويو ۽ نعت جي رنگ ۾ درد پريون دانهون مديني جي مير جي حضور ۾ پيش ڪرڻ شروع ڪيائين. آقا پنهنجي غلام جون دانهون ورنايون ۽ ڪمال شفقت سان انهن جو ترت تدارڪ ڪيائين. جڏهن شفاياب ٿيو ۽ مون سان مليو، تہ مون کي هڪ نعتيہ غزل ٻڌايائين، جنهن جو هيءُ بيت ٻڌم تہ حيرت ۾ پئجي ويس!

جانِ جمالِ اولين، يا نغمۂ سازِ الست،
هر زاويہ کان هُوبَهو، صَلوٰا عليہ وآلہٖ.

اها حيرت ڪجھ عرصي تائين قائم رهي ۽ رکي رکي اهو سوچيندو رهيس تہ: "هر زاويہ کان هوبهو" جو راز هن تي ڪيئن منڪشف ٿيو، ۽

حقيقت محمديءَ جي هن اهم نُڪتي ڪي ايڏي اختصار ۽ سولائيءَ سان ادا ڪرڻ ۾ ڪيئن ڪاميابي حاصل ڪيائين.

انهيءَ بيت جي پوئين مصرع مون کي مسحور ڪري ڇڏيو. منهنجي دل ۽ دماغ جي مٿان حاوي ٿي وئي ۽ مان نہ صرف تنهائيءَ ۾ ان کي جهونگاريندو رهيس، پر ڪنهن ڪنهن وقت اُٿندي ويهندي اضطراري حالت ۾ خودبخود زبان تي جاري ٿيڻ لڳي.

ان کان پوءِ جڏهن بہ ملڻ ٿيو، تہ مون کي سندس نعتيہ ڪلام ٻڌڻ جو موقعو ملندو رهيو. هر دفعي اڳي کان وڌيڪ محفوظ ٿيس ۽ غيرمعمولي ڪيف ۽ سرور محسوس ڪيم. رڳو انهيءَ ڪري نہ، تہ مون کي انهن نعتن ۾ پنهنجي جذبات جي عڪاسي نظر ٿي آئي ۽ پنهنجي آقا ۽ موليٰ جي ثناگوئي ۽ ستايش ڳري ٻڌي، ايمان ۾ تازگي ۽ باليدگي پيدا پئي ٿي، پر هنن نعتن جو رنگ ئي نرالو هو. نئون اسلوب، نئون لهجو، نيون ڳالهيون، نوان نڪتا، نيون تشبيهون، نوان اشتعارا، زبان ۾ شهد ۽ شَڪر جو ميناج ۽ ادائيگيءَ ۾ آبشارن جي رواني. انهن نعتن طبعيت ۾ نئون تلاطم برپا ڪيو ۽ وري ڪجهہ عرصي کان بعد هڪ نعتيہ غزل جو هيءُ مطلع ذهن جي مٿان حاوي ٿي ويو:

تصورات جي حد کان مٿي، گمان کان مٿي،
مقامِ صاحبِ لولاڪ، لامڪان کان مٿي.

سنڌيءَ ۾ نعت جو چڱو ذخيرو موجود آهي. هر شاعر پنهنجي علم ۽ فهم آهر خوب نعت چئي آهي اسان جي پيش رو شعراءِ ڪرام مان جيڪي باڪمال شاعر ٿي گذريا آهن، انهن نعت گوئيءَ جي حق ادا ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪئي آهي. مگر جيستائين لب و

لهجي ۽ رنگ ڍنگ جو تعلق آهي، منهنجي خيال ۾ سردارعلي شاهہ مرحوم جو ڪلام پنهنجو مثال پاڻ آهي.

عربي، فارسي ۽ اردوءَ ۾ نعتيہ ڪلام ايتري مقدار ۾ موجود آهي، جو ان جو اندازو لڳائڻ آسان نہ آهي. قارئين ڪرام مان جن صاحبن جو انهن زبانن سان تعلق رهيو هوندو، انهن جي نظر کان عربيءَ جا نعتيہ قصيدا، قطعا ۽ مفرد اشعار، ۽ فارسي ۽ اردو جا نعتيہ قصيدا، نعتيہ غزل، مثنوين جي ابتدا ۾ حمد کان بعد نعتيہ ابيات ۽ ڪن غير نعتيہ غزلن جي اندر تَغَــزُل جي رنگ ۾ نعتيہ اشعار گذريا هوندا. اهي صاحب جڏهن سردار علي شاهہ جو سنڌيءَ ۾ چيل نعتيہ ڪلام پڙهندا، تہ ڪين گهٽي ڪمي محسوس نہ ٿيندي. هي مجموعو هونئن ئي سندن هٿن ۾ آهي ۽ هو پاڻ ئي سندس نعتيہ ڪلام پڙهي منهنجي ڳالهہ جي تصديق ڪري سگهن ٿا.

هيءُ نعتيہ ڪلام جو مجموعو، جو "واردات عشق" (عرف زاد ذاڪر) جي نالي سان منظرِ عام تي اچي رهيو آهي، سي حرفي، حمد، نعتہ، غزل، ڪافي، گيت، نظم، رباعي ۽ قطعہ جي صنفن تي مشتمل آهي.

مجموعي جي ابتدا ۾، خالقِ ڪائنات، مالڪِ ارض و سماوات الله تبارڪ و تعاليٰ جي حمد و ثنا ۾ هڪ ٿيهہ اکري (سي حرفي)، ۽ ٻہ غزل آهن.

فرشتا، جن ۽ انسان، بلڪ ساري مخلوق، الله تعاليٰ جو حمد و ثنا ڪري ٿي. مگر ڪوبہ سندس حمد وِ ثنا جو حق ادا ڪري نٿو سگهي. اسين جيڪڏهن حمد ڪريون ٿا تہ پنهنجي مخلوق هجڻ جو اقرار ڪرڻ، پنهنجي بندگيءَ جو اظهار ڪرڻ ۽ پنهي جهانن ۾

سعادت ڪرڻ لاءِ ٿا ڪريون، ورنہ، اللہ تعاليٰ بـي نيـاز آهـي. هـن ڪـي اسان جي حمد ڪرڻ يا نـہ ڪـرڻ جي پرواهہ نـہ آهـي. اسان جي حمد ڪرڻ سان هن جي عظمت، تقديس ۽ ڪبريائيءَ ۾ اضافو نٿو ٿئي ۽ حمد نہ ڪرڻ سان سندس شان ۾ ڪمي ڪانہ ٿي ٿئي. فردوسيءَ حمد بيان ڪندي، پنهنجي عاجزيءَ جو اعتراف ڪيو تہ:

ندانم چہ ئي، هرچہ هستي توئي.

(مون کي خبر نہ آهي تہ تون ڇا آهين، پر جيڪي بہ آهين، تـون ئي آهين).

خود حضور انور رسول اڪرم ﷺ جن کي چوڻو پيـو تـہ: "لآ احصِي ثَـنَـاءُ عَـلَـيکَ اَنتَ كَـمَـا اَثنَـيتَ عَـليٰ نَـفسـَـکَ" (جيئن تو پاڻ پنهنجي تعريف ڪئي آهي، تيئن مان ان جو احـاطو ڪري نہ ٿو سگهان). جڏهن حضور جن جهـڙو عقل ڪُـل، افصح العرب و العجم ۽ مظهر اُتم يعني "هر زاويہ کاں هوبهو" پنهنجـي عجز جو اعتراف ٿو ڪري تہ فردوسي غريب ڪير آهي جو پنهنجي بـي مـايگيءَ جـو اقـرار نـہ ڪري، ۽ وري فردوسـيءَ جـي شـاعرانہ ڪمالات جي اڳيان سردار علي شاهہ جي شاعري ڇـا آهـي، جنهـن جي آڌار تي حمد جـي حق ادا ڪـرڻ جـي دعويٰ ڪـري سـگهجـي. تاهم هر شاعر پنهنجي علم ۽ فهم آهر حمد بيـان ڪـري ٿـو ۽ ان ۾ پنهنجي فـن ۽ فـڪـر جيِ اظهـار جي پـوري پـوري ڪوشـش ڪـري. سردار علي شاهہ بـہ ڪوشش ڪئي آهي، جا هڪ ڪامياب ڪوشش آهي. مان سمجهان ٿـو تـہ پڙهـنـدڙ سـندس انوکـي اسلـوب کي پسند ڪندا ۽ ان کان مطمئن ٿيندا.

هڪ حمديہ غزل ۾ چوي ٿو:

خورشيد بـَڪـَـف آهـ تنهنجـي حسـن جـي تابـاني،
هـڪ جلـوو جلائـي تـو چـڏي طـور جـي پيشـاني.
تخليـقِ دوعـالم تنهنجـي قـدرت جـو ڪرشمـو آ،
تنظيـمِ مڪمـل تنهنجـو اعجـازِ همـه دانـي.

طورسينا واري واقعي تي ڪيترن ئي شاعرن خيال آرائي ڪئي آهي ۽ ان جي هر پهلوءَ تي عجيب و غريب نڪتہ آفريني رنگ آميزي ڪئي اٿن. خاص طور تي تجليات الاهيءَ جي بي پناهہ تاباني ۽ ان جي تابش کان حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ طورسينا جو متاثر ٿيڻ گهڻن شاعرن جي غور ۽ بحث جو موضوع رهيو آهي. پر الله تعاليٰ جي جمال ۽ جلال جي ذڪر لاءِ هڪڙو منفرد اسلوب اختيار ڪرڻ ۽ فَلَمَّا تَجَلّٰى رَبُّهٗ لِلْجَبَلِ جَعَلَهٗ دَكًّا وَّ خَرَّ مُوْسٰى صَعِقًا جي سرگذشت تي هن انداز ۾ روشني وجهڻ تہ تنهنجي حسن جي تاباني هر وقت "خورشيد بڪف" رهي ٿي ۽ ان جو فقط هڪڙوئي جلوو طور جي "پيشاني" کي جلائي ٿو ڇڏي، شايد ٿورن شاعرن کي نصيب ٿيو هجي، بلڪ هيئن چوڻ زياده صحيح آهي تہ اهو اعزاز سردار علي شاهہ جي حصي ۾ آيو آهي، جنهن جي وجدان، الله جي جمال ۽ جلال جي بيڪ وقت اثراندازيءَ کي محسوس ڪيو ۽ ان کي بيان ڪرڻ ۾ انتهائي سحرطرازيءَ کان ڪم ورتائين.

جمال ۽ جلال جي، بـيـڪ وقت اثراندازيءَ جي اظهار لاءِ "خورشيد" جو لفظ منتخب ڪرڻ شاعر جي ندرتِ خيال جو اهڙو مثال آهي، جو سئو فيصد درست آهي، ڇاڪاڻ تہ مجازي طور تي خورشيد خود بيڪ وقت جمال جو مظهر بہ آهي ۽ جلال جو مظهر پڻ.

اهڙيءَ ريت الله تعاليٰ هن ڪائنات جي نظام ۾ جا باقاعدگي، هم آهنگي ۽ ربط ۽ تسلسل پيدا ڪيو آهي ۽ ان ڪي پنهنجي تدبير، تدبر ۽ ڪمال قدرت سان هلائي رهيو آهي، ان جو اعتراف رڳو شاعرن نه، پر سيني دانشورن به ڪيو آهي ۽ هر شاعر ۽ دانشور، الله تعاليٰ جي حضور ۾ سندس انهيءَ تدبير ۽ تدبر تي خراجِ عقيدت پيش ڪندو رهيو آهي، پر سردار علي شاهه الله تعاليٰ جي انهن صفتن کي سندس "اعجازِ همه داني" سڏي، جنهن نازڪ خياليءَ جو ثبوت ڏنو آهي، ان جو ڪو جواب ٿي نه ٿو سگهي.

"خورشيد بکف" ۽ "اعجازِ همه داني" منهنجي خيال ۾ اسان جي ادب جي اندر نيون ترڪيبون آهن ۽ انتها درجي جون خوبصورت، لطيف ۽ من موهيندڙ ۽ انهن کان به وڌيڪ من موهيندڙ آهي شاعر جو اهو وِجدان ۽ عرفان، جنهن انهيءَ ازلي ۽ ابدي حقيقت کي محسوس ڪيو ۽ ان کي سهڻن الفاظن ۽ سهڻي انداز ۾ پيش ڪيائين. منهنجي سخن فهمي ۽ نڪته رسي، شاعر جي انهيءَ پاڪيزه احساس کي خراجِ تحسين پيش ڪري ٿي ۽ منهنجي توحيد پرستي ۽ ذات اَحديت سان غلامانه عقيدتمندي انهيءَ مقدس قلم کي چمڻ تي گهُري، جنهن سان اهو حمديه غزل لکيو ويو.

مان سمجهان ٿو ته اهو نامناسب نه ٿيندو، جيڪڏهن مان هن حمديه غزل جي تخليق جو پس منظر بيان ڪريان.

سردار علي شاهه ڪجهه عرصي کان نعت زياده چوندو رهيو آهي. مون کي معلوم ٿيو آهي ته هڪ دفعي کيس خيال آيو ته جيڪڏهن منهنجو آقا و موليٰ حضور انور رسول اڪرم ﷺ مون کان باز پرس ڪري ته: "فقط منهنجي مدح سرائي ڪندو رهين ٿو ۽ "منهنجي الله"

جو حمد چوڻ ٿو چوين؟ تہ مان کهڙو جواب ڏيندس." انهيءَ خيال مٿس هيبت طاري ڪري ڇڏي ۽ ان کي هڪ قسم جو القاءُ يا فرمان سمجهي، انتهائي خشوع ۽ خضوع سان پنهنجن احساسن کي الفاظن جي شڪل ڏنائين:

خورشيد بڪف آهہ تنهنجي حسن جي تاباني،
هڪ جلوو جلائي ٿو ڇڏي طُور جي پيشاني.

حمد واري حصي جي شروعات سي حرفيءَ سان ٿئي ٿي. سنڌيءَ ۾ ڪيئي "ٽيهہ اکريون" لکيون ويون آهن، جن مان ڳچ جيتريون "سنڌي ادبي بورڊ" ڇپائي پڌريون پڻ ڪيون آهن. پر سردار علي شاهہ "ذاڪرَ" جي سي حرفي جو انداز بالڪل منفرد آهي. الفاظ جي پوڄَ ۽ بيهڪ پنهنجو مَٽُ پاڻ آهي. مضمون آفريني، سلاست ۽ رواني لاجواب آهي خصوصاً "الف" ۽ "ي" وارا بَندَ (يعني پهريون ۽ آخري) تہ پنهنجي اندر لطافت ۽ معنيٰ جو سمنڊ سمايو بيٺا آهن.

وري حمديہ غزلن مان پهريون هن مطلع سان شروع ٿو ٿئي:

جڳائي صــرف واحــد کي وڏائي،
ازل کان جنهن جي قائم ڪبريائي.

هيءُ سڄو غزل اول کان آخر تائين قرآن مجيد جي انهن آيتن جو تفسير معلوم ٿئي ٿو، جن ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ جي ذات ۽ صفات جو ذڪر آهي ۽ موليٰ سائين پاڻ پنهنجي اُلُوهيت، رَبُوبيت، وحدت، عظمت ۽ شانِ ڪبريائيءَ کي اهڙي منفرد ۽ دلنشين پيرايہ ۾ بيان فرمايو آهي، جو انسان جي امڪان کان ٻاهر آهي.

حمد جي ٽئين غزل چوڻ وقت شاعر جو جمالياتي حِس پوريءَ طرح بيدار نظر اچي ٿو ۽ هو پهرئين ۽ ٻئي غزل چوڻ وقت جيتري قدر

الله جي جلال کان متاثر ڏسڻ ۾ تي آيو. اوتري قدر ٿي هن غزل ۾ سندس جمال کان متاثر ٿو ڏسجي، چوي ٿو:

تخليقِ ڪائنات جا نقش و نگار سپ،
تنهنجي ڪمال شوق جا هي شاهڪار سپ.

حمد کان پوءِ نعت شروع ٿئي ٿي ۽ هر نعتيہ غزل محبت ۽ عقيدت جو مظهر ۽ ايمان ڪامل جو آئينہ دار نظر اچي ٿو.

حضور ﷺ جن جي ذات بابرڪات سان جذبۂ خلوص جي اظهار لاءِ نعت گوئيءَ جو سلسلو سندن بعثت کان پوءِ هجرت کان اڳ ۾ شروع ٿيو آهي، جنهن لاءِ حضرت ابوطالب سائين جا نعتيہ اشعار، حضرت حسان بن ثابتِ جا قصائد، حضرت ڪعب بن زهير جو قصيدو "بانَــت سُـعَــاد" ۽ ڪن اهل بيتن ۽ اصحابن رضوان الله عليهم اجميعن جا اشعار شاهد آهن.

گذريل چوڏنهن سوَ ورهين ۾ امتِ محمديءَ جي اندر لکها افراد پيدا ٿيا آهن، جن حضور جن جي مدح سرائيءَ جي سعادت حاصل ڪئي آهي. انهن ۾ شاعر بہ آهن ۽ غير شاعر بہ. شاعرن منظوم ڪلام چيو آهي ۽ غير شاعرن منثور ڪلام. پر هت جيئن تہ شعر و شاعريءَ جو ذڪر هلي رهيو آهي، تنهنڪري هن بحث کي، جو اڳ ۾ ئي مختصر آهي، صرف منظوم ڪلام جي سرسري ذڪر تائين محدود رکيو وڃي ٿو.

رسول عربيﷺ جن جي اُمت ۾ شروع کان وٺي اڄ تائين هر دور، هر ملڪ، هر رنگ ۽ هر نسل سان تعلق رکندڙ شعراءُ ڪرام حضورﷺ جن سان غلاميءَ جي نسبت کي قائم رکڻ لاءِ نعت ضرور چئي آهي ۽ نعت گوئيءَ کي پنهنجي نجات ۽ فلاح جو وسيلو سمجهيو اٿن. اڪثر

شاعرن کي سندن فني ۽ فطري محاسن جي ڪري خوب شهرت ملي ۽ سندن محبت ۽ عقيدت جي جذبي جي صدقي غيرمعمولي مقبوليت نصيب ٿي، پر عربي زبان ۾ حضرت حَسان رضہ جي قصائد کان پوءِ جيڪا شهرت ۽ مقبوليت قصيده بُرده کي نصيب ٿي، اها ٻئي ڪنهن جي حصي ۾ اچي نہ سگهي ۽ فارسي زبان جي بيشمار شعراءِ ڪرام مان، جا سعادت جاميءَ جي مقدر ۾ لکي وئي، ان تي فارسي شاعري قيامت تائين ناز ڪندي رهندي.

نعت گوئيءَ لاءِ عشقِ رسول جي نعت سان مالامال هجڻ ضروري آهي، شاعر جي دل ۾ ايڏو درد هجڻ گهرجي، جو ان جو نور، شمع جي شعاعن وانگر ڪلام مان جهلڪيون ڏئي نڪرندو رهي ۽ پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ جي مٿان وجد طاري ڪري ڇڏي. اندر ۾ آنڌمانڌ، طبعيت ۾ بيتابي، دل ۾ ماهيتِ محمديءَ کي سمجهڻ جو ولولو ۽ آخرڪار نتيجو اهو نڪري، جو ان کي بہ عشقِ رسول جي لذت ۽ سُرور سان سرشار ڪري وجهي.

عشقِ رسول ۽ دردِ دل سان گڏ، نعت گوئيءَ ۾ انتها درجي جي احتياط جي ضرورت آهي ۽ حضور جن جي ادب ۽ احترام کي پوريءَ طرح ملحوظ رکڻو آهي. عرفي هڪ نعتيہ قصيده ۾ پاڻ کي تنبيهہ ٿو ڪري تہ:

آهستہ، کہ رہَ برَدمِ تيغ است قلم را.

۽ ساڳئي وقت شريعت جي حدن کان تجاوز بہ نہ ڪرڻو آهي، نہ تہ ٻنهي صورتن ۾ اعمال، بلڪ خود ايمان جي ضايع ٿيڻ جو بہ خطرو آهي.

دراصل حمد ۽ نعت چوڻ عبادت آهي، ۽ ايمان ڪامل ۽ صحتمند ذهن جي علامت، هڪ ضعيف الايمان ۽ بيمار ذهن رکندڙ شاعر حمد ۽ نعت چوڻ کان محروم رهي ٿو ۽ انهيءَ نعتِ عظميٰ کان

فقط الله ئي سمجهي ٿو. انسانَ جو علم ۽ فهم حضور ﷺ جن جي فضائل ۽ محاسن جو احاطو ڪرڻ کان قاصر آهي. امام بوصيري رحمة الله عليه چيو آهي:

فَانِ فَضلَ رَسُولِ اللهِ لَيس لَه
حَد، فَيُعرِبَ عَنهُ نَاطِقُ بِفَمَ

(حضور ﷺ جن جي فضل ۽ ڪمال جي انتها آهي ئي ڪانه، جو ڪو شخص ان ڪي بيان ڪري سگهي).

جڏهن صورتحال اها آهي تہ هن حقيقت ڪي تسليم ڪرڻو پوندو تہ حضور ﷺ جن جي ثناگوئي ۽ ستايش گريءَ جو حق ادا ڪرڻ ناممڪن آهي، مگر نعت انهيءَ هوندي بہ چئي وڃي ٿي. حضور ﷺ جن جي ذات والاصفات سان محبت ۽ عقيدت جي اظهار لاءِ، ايمان جي تڪميل ۽ تازگيءَ لاءِ، ۽ قلب ۽ روح جي تسڪين لاءِ. هڪ عرب شاعر چيو آهي تہ:

مَا اِن مَدحتُ مُحَمداً بِمَقَالَتِي
لاكِن مَدَ حتُ مَقَالَتِي بِمُحَمدِ

(يعني مان پنهنجي ڪلام ۾ حضور ﷺ جن جو نالو سندن تعريف ۽ توصيف لاءِ نٿو کڻان، پر پنهنجي ڪلام جي زيب ۽ زينت لاءِ استعمال ٿو ڪريان.)

هر شاعر تعريف ۽ توصيف جو حق ادا ڪرڻ ڪي ناممڪن سمجهڻ جي باوجود، يوسف جي خريدارن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ حضور ﷺ جن جي تعريف ۽ توصيف ڪرڻ چاهي ٿو ۽ دل کولي ڪري ٿو، مگر آخر ۾ پنهنجي عاجزيءَ جو اعتراف ڪرڻ تي مجبور ٿو ٿئي. غالب

هڪ نعتيہ غزل ۾ حضور ﷺ جن جي تعريف ۽ توصيف ڪرڻ بعد مقطع ۾ هيئن چوڻ تي مجبور ٿيو آهي:

غالب ثنائي خواجہ بہ يزدان گذاشتيم
کان ذاتِ پاک مرتبہ دان محمد است

سيني شاعرن مدح سرائيءَ جي باوجود گهٽ ڪري پنهنجي علم ۽ ادراڪ جي ڪوتاهي ۽ فڪر ۽ خيال جي بي پروباليءَ جو اعتراف ڪيو آهي، مگر سڀ کان سهڻي ڳالهہ. جا اختصار جي باوجود پنهنجي اندر جامعيت رکي ٿي، شاهہ عبدالعزيز دهلويءَ چئي آهي:

بعد از خدا بزرگ توئي، قصہ مختصر

ها، تہ حمد کان پوءِ نعت آندي وئي آهي، هڪ نعتيہ غزل هن طرح آهي:

تصورات جي حد کان متي، گمان کان متي
مقام صاحب لولاڪ لامکان کان متي

حضور ﷺ جن جي ارفع ۽ اعليٰ مقام کي هن مطلع جي اندر جنهن صحيح ۽ بهترين طريقي تي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، ان کان وڌيڪ بهترين طريقي تي بيان ڪرڻ مشڪل هو. الفاظ بہ سهڻا آهن. انهن جي بندش بہ چُست ۽ دلڪش آهي ۽ معنوي اعتبار کان بہ جا ڳالهہ چئي وئي آهي، اها حرف بحرف درست آهي. مگر انهيءَ اظهارِ حقيقت جي اندر انساني فڪر جي ڪوتاهيءَ جو راز بہ پوشيده نظر اچي ٿو، جو شاعر حضور ﷺ جن جي مقام جي "متانهينءَ" جو تعين ڪرڻ کان قاصر آهي ۽ "متي" جو اکر استعمال ڪري، پنهنجي فڪر جي ڪوتاهيءَ تي پرده وجهڻ لاءِ مجبور ٿيو آهي.

هن خوبصورت غزل جي اندر لفظي ۽ معنوي دلڪشي، فڪر جي صحت ۽ اندازِ بيان جي ندرت جي لحاظ کان هيٺيون مصراعون شاهڪار جي حيثيت رکن ٿيون ۽ سنڌي شاعري انهن تي فخر ڪري سگهي ٿي:

1. رسول پاڪ جو رتبو اچا مٿان کان مٿي
2. عطائي عشقِ محمد متاعِ جان کان مٿي
3. قدم ۾ قيصر و ڪسريٰ، هٿن ۾ هفت اقليم

"مٿان کان مٿي" واري فقري ۾ جو بي ساختگيءَ جو انداز ۽ قدرتي ترنم ۽ نغمگي آهي، اهو حافظ شيرازيءَ جي مشهور مطلع:

اگر آن ترک شيرازي بدست آرد دلِ مارا

جي مصرعهٔ ثاني جي آخري فقره

............................ سمرقند و بخارا را

جي يادگيري ٿو ڏياري. حافظ جي انهيءَ غزل مان بيت الغزل جي طور تي جيتوڻيڪ ٻيا بيت منتخب ڪيا ويا آهن، مگر انهيءَ هوندي بہ اهو فقرو پنهنجين بي پايان لفظي ۽ معنوي لطافتن جي ڪري غزل جي جان آهي، ۽ تعجب آهي تہ اهلِ ذوق انهيءَ فقره ڏانهن اهو توجہ ڇو نہ ڏنو آهي، جنهن جو هو مستحق هو.

سردارعلي شاهہ جي غزل ۾ "مٿان کان مٿي" واري فقري ۾ اهوئي "سمرقند و بخارا را" وارو زِيرو بـَـم، شيريني ۽ شگفتگي موجود آهي. اهي الفاظ هڪ طرف انسان جي ادراڪ کي حضور ﷺ جن جي بي انتها بلندين ۽ وسعتن ڏانهن متوجهہ ڪن ٿا، ۽ ٻئي طرف انهن جي نغمگي، ذوقِ سليم کي تسڪين ٿي بخشي، هڪ ناقابلِ بيان حَظ ۽ لذت سان آشنا ٿي ڪري ۽ بقول عُرفيءَ جي:

فِتاد سامعہ در مَوجِ کوثر و تسنیم

جهڙي سرمدي ڪيفيت سان همڪنار ڪري ٿي ڇڏي.

مون کي هڪ واقعو ياد اچي ٿو. جنهن کي "تصورات جي حد ڪاِن متي" واري غزل جي تخليق جو سبب چئي ٿو سگهجي. شيخ سعدي جي مشهور نعتيہ بيت "بلغ العليٰ بڪمالہ" جون گهڻيون ٿي تضمينون ڇپيون ويون آهن. فارسيءَ ۾ بہ سنڌيءَ ۾ بہ ۽ اردوءَ ۾ بہ. اردوءَ جي هڪ تضمين قواليءَ جي طرز تي ريڊيو تان بہ نشر ڪئي ويندي آهي. هڪ دفعي سردارعلي شاھہ اها تضمين ٻڌي رهيو هو. جڏهن قوال اصلي بيت جي پهرئين فقره بلغ العليٰ بڪمالہ تي ڇيل تضمين جو هيءُ فقره دهرائڻ لڳو:

ڪوئي حد هي اُن ڪي عروج ڪي؟

عروج جي تصور ۾ هن جا هٿ بي اختيار متي کڄڻ لڳا. ۽ کڄندا رهيا، تان جو اضطراري حالت ۾ اٿي بيٺو. ۽ اهو خيال ڪري هٿ متي کڻندو ويو ۽ اُيو ٿيندو رهيو تہ: "هيترو متي، هيترو متي؟!!" جڏهن سندس قد ۽ هٿن جي حد پوري ٿي، تڏهن ڪيس ڪجهہ ڪجهہ هوش اچڻ لڳو ۽ نيم مدهوشيءَ جهڙي ڪيفيت ۾ چوڻ لڳو:

تصورات جي حد ڪان متي، گمان ڪان متي،

مــقــامِ صاحبِ لولاڪ لامڪان ڪاِن متي.

اها عشق جي واردات آهي ۽ اهلِ بصيرت جي سمجهڻ جي ڳالهہ.

هڪ ٻئي غزل جو مطلع آهي:

لطف و ڪرم جو گَنجُ محمدﷺ جي ذات آ.

ڪاسہ بـدسـت جنهن جي اڳيان ڪائنات آ.

هن شعر ۾ لفظن جو صحيح انتخاب، انهن جي سهڻي بندش، حقيقت بياني ۽ بي ساختگيءَ جو انداز تحسين جي لائق آهي. هي شعر صُورِي اعتبار کان "سهلِ ممتنع" آهي ۽ معنوي لحاظ کان اِنما اَنا قاسم والله يعطي جي مڪمل تشريح. جيتوڻيڪ اهو اعطاءُ ۽ اها تقسيم علم جي متعلق آهن، مگر مان انهن جي تعميم جو قائل آهيان.

هن غزل جا سمورا اشعار هڪجهڙا لطيف، دلڪش، بامعنيٰ ۽ روان دوان آهن ۽ ان جي حرف حرف مان محبت ۽ عقيدت جا جذبا جهلڪي رهيا آهن: مگر اها تخصيص رڳو هن غزل جي نہ آهي. سمورو ڪلامِ اهڙوئي لطيف ۽ دلڪش آهي. مان اختصار جي خاطر چند نعتيہ غزلن مان نموني طور فقط هڪ شعر پيش ڪرڻ تي اڪتفا ڪريان ٿو. پر اهو انتخاب نہ آهي، صرف نمونو آهي. انتخاب اُتي ڪبو آهي، جتي حَشو جو احتمال هوندو آهي، حَشوُ گهٽ هجي تہ انتخاب جي گهٽي ضرورت نٿي پوي.

رسي راحت، مــٽيا رنج و الم سڀ،
شَــہ لولاڪ جا لطف و ڪرم سڀ.

---

نگاهــِ نــاز جــو آهــي اثــر ســپ،
سُــڪونِ قلــب ٿيــو زيــرو زبــر ســب.

---

شــفيع المذنبيــن جــي ســامَ آهيــون،
انهــيءَ جــي هــٿ اسـان جــي آبــرو ســپ.

هن شعر مان رڳو شاعر جي دل جون ڌڙڪنون پڌڻ ۾ نہ ٿيون اچن، پر اهو، رسولِ عربيءَ ﷺ جي سيني غلامن جي ضمير جو آواز

آهي ۽ منهنجي دل شاهدي ڏئي رهي آهي تہ هيءُ شعر، شاعر جي شفاعت جو سبب ٿي سگهي ٿو. فني لحاظ کان هي شعر سهل ممتنع جو ايڏو اعليٰ شاهڪار آهي، جو موجوده دور جي سنڌي شاعري ان جو نظير پيش ڪرڻ کان معذور نظر اچي ٿو.

مٿين غزلن ۾ رديف ساڳيو آهي ۽ قافيو الڳ الڳ. هن مجموعي ۾ اهڙا غزل پيا بہ آهن، جن ۾ رڳو قافيي جي ردوبدل ڪري، ساڳي زمين ۾ طبع آزمائي ڪئي وئي آهي ۽ گهڻو ڪري سيني شاعرن ائين ئي ڪيو آهي. شعراءِ ڪرام کي ائين ڇو ٿو ڪرڻو پوي، ان جو سبب غالباً اهوئي ٿي سگهي ٿو تہ شاعر جي طبيعت ۾ البيلائي ۽ جذبات ۾ تلاطم پيدا ڪري جڏهن مَتَنَوع مضامين جي بي پناهہ آمد شروع ٿئي ٿي، ۽ مَستي ۽ مخموريءَ جي عالم ۾ هو انهيءَ ڪيفيت کي الهامي واردات سمجهڻ لڳي ٿو. تڏهن هن جي دل گهُري ٿي تہ هو اهي سمورا نادر ۽ نازڪ خيالات غزل جي ذريعي منظرِ عام تي آڻي. پر غزل هڪ ۽ خيالات بيشمار. 'قَل وَ دَل' تي عمل ڪندي غيرمعمولي بلاغت جو مظاهرو ٿو ڪري تہ غزل جي نفاست ۽ نزاڪت متاثر ٿي ٿئي ۽ خيالات جي سيلاب کي روڪڻ بہ هن جي وس ۾ نٿو رهي، جنهنڪري انهن کي رواني سان جاري رکڻ لاءِ ڪيس راهہ هموار ڪرڻي ٿي پوي ۽ ساڳي زمين ۾ قافيہ ۽ رديف جي معمولي تبديليءَ سان هڪ کان وڌيڪ غزل چوڻ شروع ڪري ٿو.

شايد اهڙي ئي صورتحال پيش اچڻ سبب غالب کي چوڻو پيو هو تہ:

بقدرِ ذوق نهيں ظرف تنگنائے غزل
کچھ اور چاهئے وسعت ميرے بيان کے لئے

نعت جو نمونو:

جانِ جمالِ اَولـيـن، يا نغمهٔ سازِ الست
هر زاويہ کان هُـويهو، صلوا عليـه وآلـه

---

انهيءَ ڪان وڌ نہ ڪا تعريف ان جي
خـدا خـود آ ثـنـا خـوانِ محمد

---

خدا بخشي ڇڏي ان کي خدائي
محمد ٿيو جڏهن مهمان اُن جو

---

اها وضع پيرِ مـُغان سندي، اهـو ميڪدي جـو مـزاج آ
جي ڪري ڪو عرض "اَجا، اَجا" ملي جام جلد وري وري.

سخن شناس سمجهي سگهن ٿا تہ هن ڪيف آور ۽ نشاط بخش شعر جي اندر لفظي ۽ معنوي محاسن جا ڪيترا مئخانا پوشيده آهن. خاص طور تي "ميڪده جو مزاج" واري معنيٰ خيز ترڪيب ۾ جا رعنائي ۽ دل آويزي آهي، ان کي صرف وجدان ئي محسوس ڪري سگهي ٿو. الفاظن ۾ ايڏي وسعت ۽ همہ گيري ڪئي آهي جو ان جي گهرائي ۽ نڪتہ آفريني جو احاطو ڪري سگهن.

عـرشِ بـرين تـي خاڪ نشـين جـي خـوش آمديـد
اهـلِ سمـا ۾ عظمـتِ انسـان جـي ڌوم آ

---

تنهنجـي اعجـازِ همہ دانـيءَ فطـرت تـان نثـار
اهلِ دانش جـي سچي فلسـفہ دانـي — جـاني !!

---

گلشنِ دهر جي دامن تي عجب نقش و نگار
رنگ اعجازِ رسولِ مدني کي تہ ڏسو.

کي کي نعتيہ اشعار طبعيت کي ايڏو تہ مسحور ۽ متاثر ڪري ٿا وڃن جو اهو فيصلو ڪرڻ مشڪل ٿي پوي ٿو تہ هيءَ معاني ۽ بيان جي سدا بهار گلشن جا رنگ برنگي گل آهن، جي اکين کي طراوت ۽ روح کي راحت ٿا بخشين يا خضر جهڙي ساقيءَ جي هٿان عطا ٿيل آب حيات جون لذت بخش ۽ سرور انگيز سُرڪيون آهن، جي عشقِ محمدي جي مخموريءَ ۾ سرمست ڪري ٿيون ڇڏين. سردارعلي شاھ جي نعتن پڙهڻ سان انهيءَ تاثر ۾ وڌيڪ پختگي پيدا ٿي ٿئي ۽ اضطراري حالت ۾ انهن کي جهونگاريندو رهڻ لاءِ دل بيتاب ٿي رهي.

بهرحال، هن نعتن اها حقيقت واضح ڪري ڇڏي آهي تہ شاعر، عشقِ محمديءَ کي سرمايہ حيات، بلڪ سرمايہ ايمان بنايو آهي ۽ هيءُ سچي نغمہ سنجي هن جي جذبہ عشق جي آئينہ دار آهي. شاعر خوش نصيب معلوم ٿئي ٿو، ۽ هن جي خوش نصيبيءَ تي رشڪ ٿو اچي، جو آقا ۽ موليٰ هن کي پنهنجي مداحيءَ جو شرف بخشيو آهي.

غزل کان علاوه ڪيئي نعتون برنگ ڪافي پڻ مجموعي ۾ موجود آهن، جن جي جيتري تعريف ڪجي ٿوري آهي. ڇا تہ سندن الفاظ جي پوچ آهي، ڇا تہ منجهن ترنم ريزي آهي ۽ ڇا تہ اثر انگيزي آهي. بس پڙهڻ سان ئي تعلق رکن ٿيون.

آخر ۾ صنف منقبت تي بہ خوب طبع آزمائي ڪئي وئي آهي، ۽ امام عالي مقام سيدنا وَ سيد الشهداءؑ حضرت حسين عليہ السلام جي حضور ۾ نذرانۂ عقيدت پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي وئي آهي:

خدا جي دين جي دولت، حسين ابن علي،
متاعِ عشق و محبت حسين ابن علي،
نصابِ حق جي عبارت حسين ابن علي،
رديف نظمِ رسالت حسين ابن علي.

هيءَ سڄي منقبت اهڙي ٺي رنگين ۽ دلپذير آهي، شهد ۽ شکر کان مٺي ۽ ڪوثر ۽ تسنيم کان وڌيڪ لذت ڀري، جنهن جي ملاحظہ ڪرڻ سان رڳو شاعر جي شاعرانہ ڪمالات جو پتو نٿو پوي، پر آلِ رسول سان سندس عشق و محبت ۽ شهيدِ ڪربلا جي عظمت ۽ منزلت جو اظهار بہ ٿئي ٿو.

آلِ رسول سان شاعر جي والهانہ جذبات جو، ۽ بحيثيت شاعر جي سندس صحيح فڪر ۽ پاڪيزه زبان جو اندازو هن "منقبتي غزل" جي مطلع مان ۽ خاص طور تي "حسن مطلع" جي ابتدائي فقرن:

نصابِ حق جي عبارت ....................

۽

رديف نظمِ رسالت ......................

مان لڳائي سگهجي ٿو. انهن فقرن مان ائين محسوس ٿو ٿئي، تہ اهو آلِ رسول سان عشق جو فيضان آهي، جنهن شاعر کي آلِ رسول جي ارفع ۽ اعليٰ مقام جي ادراڪ ۽ عرفان جي توفيق بخشي ۽ کيس ان جي اظهار تي ايڏي قدرت عطا ڪئي، جو هو پنهنجي احساسات کي انتها درجي جي سهڻن لفظن ۽ سهڻي لهجي ۾ ادا ڪري سگهيو.

مان سمجهان ٿو، ۽ مون کي يقين آهي تہ اهو شعر ادب عاليہ جو اهڙو حسين و جميل شهپارو آهي، جنهن سنڌي شاعريءَ جي حسن

و جمال ۾ غير معمولي اضافو ڪيو آهي، ايتريقدر جو هوءَ جيڏين سرتين جي سَٿ ۾ يعني ٻين مشرقي زبانن جي شاعريءَ جي ڀيٽ ۾ فخر سان مُنهن مٿي ڪري سگهي ٿي.

حضرت امام عاليٰ مقام جي شهادت عظميٰ ڏانهن هڪ نعتيہ غزل ۾ بہ اشارو ڪيو ويو آهي:

سردار صبر جميل پي، تہ تغ سَر بَسُجُود پي،
هيءُ مقام آلِ رسول آ، ڪري ڪير اُن سان برابري.

- حافظ خير محمد اوحدي (مرحوم)

شهرت جو گهُري خير تہ کو شان جو خير،
زر مال جو، اولاد جو، کو جان جو خير.
هرکو تو گهري توکان باندازۂ فکر،
يارب! مان گهران دولتِ ايمانَ جو خير.

# (ٽيهه اکري)

## حمد باري تعاليٰ

الف اول آخـــر ذات الاهـــي،
بـي سـپ مخلوقـات الاهـي،
تـو هٿ مـوت حيـات الاهـي،
عزت ذلـت، سـاهه پساهه- لا الٰـہ الاّ اللّٰہ.

ب بـاري برحــق بـات الاهـي،
قـــرآن ۾ ڪلمـات الاهـي،
ارض و سمـا آيـات الاهـي،
وڻ تـڻ ٻوٽا گـل ڦل گاهه- لا الٰـہ الاّ اللّٰہ.

ت تـن ۾ تنهنجـي تـات الاهـي،
هرڪنهـن وائـي وات الاهـي،
حمد پڙهن حَـشَـراتِ الاهي،
سائين، ڪن تنهنجي ساراهه- لا الٰـہ الاّ اللّٰہ.

ث ثـابت پـاڪ صفـات الاهـي،
هَـمَـہَ صفَـت حَـسَناَت الاهي،
بنـدن تـي برڪـات الاهـي،
امنُ امانُ ۽ رحمُ رِفاهه- لا الٰـہ الاّ اللّٰہ.

ج جلوا تنهنجا جڳمـڳ جـاني،
طـور تجلـي، نـور نشـاني،
تـارن ڪتيـن جـي تابـاني،
شمسُ قمرُ يا مهر و ماهه- لا الٰـہ الاّ اللّٰہ.

ح حمد جڳائي توکي جاني،
لاشڪ ذات صفت لاثاني،
ناهہ شريڪ ٻيو تنهنجو شاني،

واحد تنهنجي وحدت واهہ- لا اِلـہ اِلاَّ الله.

خ خادم تنهنجي خلق سموري،
آبي خاڪي ناري نُوري،
ان لئہ تنهنجو ذڪر ضروري،

شڪر ادائي شاهنشاهہ- لا اِلـہ اِلاَّ الله.

د دائم قائم تنهنجي قدرتَ،
دهشت، همت، هيبت، حشمت،
ليڪن جَبرَ قَدرَ جي نسبت،

رحمت تنهنجي عين اٿاهہ- لا اِلـہ اِلاَّ الله.

ذ ذڪر سمورو تنهنجو ذاتي،
ڪلمو پاڪ نفي اثباتي،
تنهنجي سڀ ساراهہ صفاتي،

ازلئون عين عبادت آهہ- لا اِلـہ اِلاَّ الله.

ر رحمت تنهنجي رنگ رچايوَ،
سارنگ جو سيني تي سايو،
وحدت جي وسڪار وهايو،

دين جي دولت جو درياهہ- لا اِلـہ اِلاَّ الله.

ز زينت بخشي تو عالم کيِ،
حسن حياتي هرهڪ دم کي،
ڪامل چونہ چئون هرڪم کي،

تنهنجو ناهوڪو هر ناهہ- لا اِلـہ اِلاَّ الله.

س سائين سڀ جو آهين سهارو،
جو نہ مجي اِن جو منهن ڪارو،
صُمُّ بُڪمٌ عُميٌ سارو،
ٻوڙو، گونگو انڌو آهہ- لا اِلٰهَ اِلاَّ الله.

ش شاهنشاهي شان آ تنهنجو،
قادرڪُونُ مڪان آ تنهنجو،
جبر قَدَرَ جولان آ تنهنجو،
باري آهين بي پرواهہ- لا اِلٰهَ اِلاَّ الله.

ص صدق سچائي ڏي تون سائينَ،
بندي جو ايمان بچائين،
من ۾ منهنجي مَچ مچائي،
الفت پنهنجي جو آڙاهہ- لا اِلٰهَ اِلاَّ الله.

ض ضعفُ بدن جو ۽ بيماري،
لاغر حالت ۽ لاچاري،
دل جي هرڪُنڊ آهي ڪاري،
قلب جي ڪارنهن قادر لاهہ- لا اِلٰهَ اِلاَّ الله.

ط طاقت آهہ نہ مون ۾ ترِ جي،
زوراوَرَ زاري ڏاڪر جي،
شامت هر شيطان شرَ جي،
پرور ان کان ڏيئن پناهہ- لا اِلٰهَ اِلاَّ الله.

ظ ظاهر باطن ڄاڻ آ توکي،
پرور پنهنجو پاڻ آ توکي،
سڀ جي ڄاڻ سڃاڻ آ توکي،
ڏاتر هرهڪ شئي جي ڏاهہ- لا اِلٰهَ اِلاَّ الله.

ع عاصي پابند پليد رکي تو،
تنهنجي در ۾ ديد رکي تو،
رحمت جي اميد رکي تو،

واهه تنهنجي ۾ ويساهه- لا اِلٰه الاّ الله.

غ غيرت ڏي ايمان جي مون کي،
دولت پنهنجي ڏيان جي مون کي،
آڳا امن امان جي مون کي،

جودَون ڏي تون جاءِ پناهه- لا اِلٰه الاّ الله.

ف فرق سڃاڻڻ نيڪ ۽ بد جو،
طورُ تفاوت، حد لاحد جو،
حڪم مڃڻ تنهنجو، احمد، جو،

راسخ آهه اهائي راهه- لا اِلٰه الاّ الله.

ق قدرت منجهه ڪمال آ تنهنجو،
جڳ جڳ جاهه جلال آ تنهنجو،
مولي ڪونہ مثال آ تنهنجو،

جاني حاصل توکي جاهه- لا اِلٰه الاّ الله.

ڪ ڪانهي پنهنجي ڪرت ڪمائي،
پاندَ ۾ ناهي پئسو پائي،
هٿ هٿ پنهنجي پاڻ گنوائي،

عمر اجائي گاهه بگاهه- لا اِلٰه الاّ الله.

ل لاشڪ وهم وجود نہ تنهنجو،
والد يا مولود نہ تنهنجو،
مائٽ ڪو موجود نہ تنهنجو،

شرڪ نہ گهرجي توکي شاهه- لا اِلٰه الاّ الله.

م مالڪ ۽ مختار مڙنِ جو،
پرور، پالڻهار مڙنِ جو،
اوکي ۾ آڌار مڙنِ جو،
هيڻن جو آهين همراهہ- لاالہ الاَّ اللّٰہ.

ن ناهہ شريڪ ڪو تنهنجو شاني،
تنهنجو جوڙ نہ ڪوئي جاني
ڪير سڏائي تنهنجو ثاني،
هرڪو قدرت ۾ ڪوتاهہ- لاالہ الاَّ اللّٰہ.

و واحد! تون هر شئي جو والي،
تنهنجي خوءِ خطا کان خالي،
نعمت تنهنجي آهہ نرالي،
جنهن کي چاهين، تنهن سان چاهہ- لاالہ الاَّ اللّٰہ.

هہ هيڏو حال اسان جو هادي،
قول عمل سڀ وائي بادي،
امر نواهي کان آزادي،
ناصحَ! ڪر ڪا نيڪ نگاهہ- لاالہ الاَّ اللّٰہ.

لا لاشڪ خلق سڀني جو خالق،
فرضي مسجودنِ کان فائق،
تون ئي حمد و ثنا جو لائق،
غير کي سجدو آهہ گناهہ- لاالہ الاَّ اللّٰہ.

عـ * "اللّـــهُـمَّ سَتـَـرَّ عورَاتــي"،
ان سان گڏ "آمـِين روعَـاتي"،
سهنجي ڪر تون حال حيـاتي،
جرم و سزا جي جو لاتگاھ- لا الٰـہ الاَّ الله.

ي ياور پنهنجي يار جي صدقــي،
محشر جي مهندار جي صدقــي،
ان سان پنهنجي پيار جي صدقي،
بخش اسان جا ڏوھ گناھ- لا الـہ الاَّ الله.
محمد رسول الله ﷺ

---

* اي الله پاڪ. منهنجي اوگهڙ ڍڪ.

# حمديہ غزل-1

جڳائي صرف واحد کي وڏائي،
ازل کان جنهن جي قائم ڪبريائي.
هو خالق مالڪ و مختار مولي،
سموري خلق تي هن جي خدائي.
ڇٽيو ڪنهن کي نہ ڪنهن جو آهِ ڄايو،
نہ هن جو پيءُ پٽ يا پيڻ پائي.
هميشہ هرجڳهہ، حاضر وَ ناظر،
تصور کان مٿي رب جي رسائي.
اڪيلو آهِ آقا، عالمن جو،
شراڪت هن جي قدرت ۾ نہ ڪائي.
ڏئي عزت يا ذلت جنهن کي چاهي،
سندس هٿ ۾ ڀلائي يا بُرائي.
مقدس ذات جنهن بندن کي بخشي،
رسولِ هاشمي ﷺ جي رهنمائي.
وجودِ لم يزل، ذاتِ مقدم،
جمالِ اولين، ضَو انتهائي.
هو ستار العيوب آهي سڀن جو،
ڍڪي ٿو ڏول هرهڪ جي ڍڪائي.
رسائي رزق ٿو هرنيڪ و بد کي،
هو پرور آهہ، هن جي پر اهائي.
دعا "ذاڪر" جي آهي، شال بخشي،
محمد ﷺ جي مُحابي هر مدائي.

# حمديہ غزل - 2

تخليق ڪائنات جا نقش و نگار سڀ.
تنهنجي ڪمال شوق جا هي شاهڪار سڀ.

رفتارِ وقت، گردشِ ليل و نهار سڀ،
لاريب هي شهادتِ حق ۾ شمار سڀ.

بستانُ ڪشت، دشت و دمن، ڪوهسار سڀ،
احيانُ تنهنجي قدر جا اي ڪردگار سڀ.

جن و بشر ملائڪ و حورانِ لالہ رنگ،
آهين تنهنجي آڏو اطاعت گذار سڀ.

ذات و صفات، روح و بدن، جوهر و عرَض،
هي شان ڪبريائي جا، تنهنجي شعار سڀ.

هر نفس کي تون رزق رسائين ٿو روز شب،
تنهنجي ڪرم سبب ٿا جيئن جاندار سڀ.

راتين مان ڏينهن تون ڪرين، ڏينهن مان راتيون،
مارين جيارين توکي اهو اختيار سڀ.

اي رحمت تمام، صُحابي نبي ﷺ معاف،
ساريون خطائون منهنجون ۽ مون ڏي ميار سڀ.

## حمديہ غزل - 3

خورشيد بڪف آهہ تنهنجي حسن جي تاباني،
هڪ جلوو جلائي ٿو ڇڏي طور جي پيشاني.

تنهنجي ئي تجلي سان زمين تي هي ضياباري،
سج چنڊ ۽ تارا تنهنجي انوار جي افشاني.

لاريب زماني جي مٿان لطف و ڪرم تنهنجو،
مخلوق مٿان تنهنجي عنايات جي ارزاني.

ڇا مور ڇا ماهي تنهنجي تحويل حفاظت ۾،
هر شئي جي مٿان تنهنجي نظر، تنهنجي نگهباني.

تخليق دو عالم تنهنجي قدرت جو ڪرشمو آ،
تنظير مڪمل تنهنجو اعجاز همہ داني.

طوفان ٿو آڻي تنهنجو فرمان فضائن ۾،
هڪ تنهنجي اشاري سان اچي بحر ۾ طغياني.

"ذاڪر"جي زبان کي تو ڏني قوت گويائي،
ڪر ان کي عطا جذبۂ تعريف و ثناخواني.

"ذاڪر" جي دعا آهي اها رحمت بي پايان،
محفوظ رکين شال منهنجي غيرت ايماني.

## (حمديہ رباعيون)

ممنون مرون جيت پرندا تنهنجا،
مخلوق تي احسان خداوندا تنهنجا.
ڪر پنهنجو ڪرم، بخش اسان عاصين کي،
گندا آهيون تاهم بنئدا تنهنجا.

---

تاري جي ڪرين غرق، يا ٻوڙي تارين،
ڪاري جي سنوارين يا سنواري ڪارين.
يارب هي سڄي ردوبدل تنهنجي وس،
ماري جي جيارين يا جياري مارين.

---

ڪاوڙ تو ڪرين مون کي خطا ڪوش ڏسي،
عيبن سان ڀريل عرصۂ اغوش ڏسي.
يارب تون مون کان وجہ خرافات نہ پڇ،
مون جرم ڪيا، توکي خطاپوش ڏسي.

---

ملاح نہ ڪشتي، نہ ڪنارو باقي،
گرداب ۾ ڪنهن پر نہ گذارو باقي.
چندان نہ رهي زيست جو چارو باقي،
ان وقت خدا هڪ جو سهارو باقي.

ضرورت ڪنهن کي دينار و دِرَم جي
سدا سِڪ ساهه ۾ ڪنهن کي صنم جي
گدائي ميڪده کي مهر گهر جي
شفيع المذنبين شاهِ اُمم جي

# نعتيہ غزل - 1

مرحبـا صــد مرحبـا،
بيڪسـن جـا پرجهــلا.
تــون حبيــبِ ڪبريـا،
شــافعِ روزِ جـــَــزا،
پنهنجي اُمت جا اَجها،
اُمتيــنِ جــا آســرا— بيڪســن جــا پرجهــلا.

ڪيـن مـان خلقيـا خـدا،
صورتــن جــا سلســلا،
تـون انهــن جــي ابتــدا،
لاڏلا لـــولاڪ جــا- بيڪســـن جـــا پرجهـــلا.

ڪـُـن چئـي قـادر ڪيـا،
ڪارنامـــا ڪيتــــرا،
هـــي مٽيئـــي مرحـــلا،
تنهنجي خـاطر ٺئـ ٿيـا- بيڪســن جـا پرجهـلا.

تنهنجي آمد سان اگها،
سيڪهہ مان ٿيڙا سگها.
دردمنـــدن جـــي دوا،
ماڙِ تنهنجي مصطفيﷺ- بيڪسن جا پرجهـلا.

تون متاعِ بي بها،
هر غني تنهنجو گدا،
تنهنجو دامن دادلا،
مخزنِ جود و سخا- بيڪسن جا پرچهلا.

تون امامُ الانبيا،
تنهنجي پويان پيشوا،
حشر ۾ هوندا ڪٺا،
قافلن جا قافلا- بيڪسن جا پرچهلا.

جامُ تنهنجو جان فزا،
پي ٿيا سڀ پارسا،
ڇا منجهان ڇا ٿي ويا،
مٺي ڪده جا معجزا- بيڪسن جا پرچهلا.

سُرڪَ هڪڙي ساقيا،
جن چکي سي ٿيا چريا،
رقص رندن کي روا،
مٺي ڪده جي ماجرا- بيڪسن جا پرچهلا.

خصلتون خيرالوريٰ،
سڀ پليون تنهنجون پلا،
حلمُ حُرمتَ ۽ حيا،
دادُ دلجوئي دَيا- بيڪسن جا پرچهلا.

جـي گنـاهن ۾ گتـا،
نانءَ جي نيڪيءَ نـ ڪا،
تنهنجي لوئـي ۾ لڪا،
سـامُ تـنو وٺ سـيدا- بيڪسـن جـا پرچهـلا.

واٺ اوڪـــــــي ۾ ولا،
پـَـئُـ پريا اُن ۾ پـَـڏا،
راهــرو رُڪجـي ويـا،
رس اچـي اي رهنمـا- بيڪسـن جـا پرچهـلا.

مدح تنهنجي مصطفيٰ ﷺ،
دافـعِ رنـج و بـلا،
ڪر زبون ذاڪر سندا،
ڪل مرض مشڪلڪشا- بيڪسن جـا پرچهـلا.

( 2 )

اڄ وري اولهہ طرف هر ويل ڪونجن جي قطار،
ڪرڪنديون ڪاڏي وڃن، ڪنهن جو انهن کي انتظار؟

لال ڳل، ڳوريون ڳچيون، سوپيا ۾ سهڻيءَ جي مثال،
جهڙ جي ساگر کي تري، اُڪري وڃن ٿيون آرپار.

ڪنپ اهي جن تي چني جا چٽ ۽ اجرڪ جون اکيون،
پدمڻيون جن سان ڏڪن، پنهنجي اُمنگن جو اُپار.

يا وَريون پنهنجي وطن ڏي قاف پربت جون پريون،
جئن کي شهزاديون ڪري موٽيون هجن شاهي شڪار.

مُهڙ ۾ جئن مارئي پويان سهيلين جون صفون،
ڪيٽ پنهنجي ڏي وڃن ٿيون پاند ۾ پائي پيار.

چڻ تہ کي حورون چڙهيل آهن هوا جي دوش تي،
جئن کي شِهتارا هجن ساگر جي سيني تي سوار.

ڪو تہ ڪاڏو آهہ جو ڪاهيو وڃن ٿيون ڪيچ ڏي،
ڪنپ ڪُتا تن جا، اتن پر "پهچ پهچان" جي پچار.

يا تہ ڪو پيغام آيو آ پنهنل جي پار ڪان،
يا ٻڌي آهي انهن پپ جي ڏٽيءَ جي ڪا پُڪار.

مون پڇيو ڪهڙو سبب هن سُرعت پرواز جو؟
مامَ ۾ مرڪي چيائون ڳالهه ٻڌ: "ڳهلا ڳنوار"،
هن طرف پنهنجي پرين جي محفلِ ميلاد آهه،
پهچڻو آهي، متان محبوب ڏِئي مهڻو ميار.

آهي ممڪن تئي اسان جي واٽ تي ويندي وصال،
هي ٻه هڪ معراج آهي عاشقن لئه افتخار.

تون به ڪر قربان اي "ذاڪر" پرين تان زندگي،
ڇو ته بس آهي انهيءَ تي عاقبت جو انحصار.

( 3 )

بزمِ چمن ۾ صبح بهاران جي ڏوم آهه،
جلوه نمائيءِ رُخ تابان جي ڏوم آهه.

گنجينۀ حيات ۾ گوهر گهڻا مگر،
لاريب ان ۾ لعل بدخشان جي ڏوم آهه.

ڪنهن جي اچڻ تي ختم ٿي تاريڪيءِ جهان،
ظلمت ڪده ۾ شمعِ فروزان جي ڏوم آهه.

دستِ طلب دراز ٿيڻ تي ملي ٿو دان،
بنده نوازيءِ درِ جانان جي ڏوم آهه.

عرشِ برين تي خاڪ نشين جي خوش آمديد،
اهلِ سما ۾ عظمتِ انسان جي ڏوم آهه.

ٿيو مستفيض لطف و عنايت ڪان هر گدا،
ڪنهن مهربان جي وسعتِ دامان جي ڏوم آهه.

هي محفلِ نشاط، هي مدح و ثنا درود،
جشنِ ولادتِ شهِ خوبان جي ڏوم آهه.

ڪنهن جي نگاهِ لطف ڪيا ختم حادثات،
بيچارگيءِ گردشِ دوران جي ڏوم آهه.

"ذاڪر" جو آهه ان جي شفاعت تي انحصار،
جنهن جي ڪرم، عنايت و احسان جي ڏوم آهه.

## ( 4 )

تصورات جي حد کان متي گمان کان متي،
مقامِ صاحبِ لولاڪ لامڪان کان متي.

بلند اوجِ ثُرَيا کان ڪهڪشان کان متي،
جمالِ يار جي ضَوءُ هفت آسمان کان متي.

انهي جي آڏو پلا سيم و زر جي ڇا معنيٰ؟
عطائي عشقِ محمد، متاعِ جان کان متي.

نہ تخت و تاج تہ پهچي نہ بخت، ياڳ رسي،
نصيب بندهٔ شاهِ اُمَم بيان کان متي.

جهان ۾ آهہ متل ان جي دستِ فيض جي ڌوم،
گدائي خواجہ يثرب، شہِ جهان کان متي.

جهڪي جُهڪي جا درِ يار تي، جبينِ نياز،
ڪڏهن سگهي نہ ڪڏهن سنگِ آستان کان متي.

خطاب طٰــــہٰ وياسين، والضحيٰ والليل،
رسولِ پاڪ جو رُتبو، اجا متان کان متي.
ڪريان تہ مدح محمد خلوص دل سان، دوست،
ثنائي خواجہ مگر طاقتِ زبان کان متي.

يقين آهي اهو زندگي ۾ ذاڪر جو،
نہ ڪوئي مونسِ غم منهنجي مهربان کان متي.

( 5 )

رَسي راحت، مٽيا رنج و الم سيِ،
شَه لولاڪ جا لطف و ڪرم سيِ.

در و ديوار ۽ گهر گهاٽ، گِليون،
دَيارِ مصطفيﷺ جا محترم سيِ.

ڪِري پيا ڪوٽ ڪسريٰ جا، جهڪي ويا،
شهِ هردو سريٰ آڏو صَنَم سيِ.

شفيع المذنبين جي لڙهه لِڳڻ سان،
ويا مٽجي گنهگارن جا غم سيِ.

پيمبرﷺ کان پنيو جو ”پنج ڪٽي“ آ،
اُنهيءَ وٽ هيچ دينار و درَم سيِ.

ڪٿيٰ زر مال، ڪِٿ اقبالُ، گهرجي،
اسان جي واسطي خيرُ الامَم سيِ.

ويا تي ختم احمدﷺ جي اچڻ سان،
عرب جا عيب، اوهامِ عَجم سيِ.

ڪيو ”ذاڪر“ مٿان نظرِ ڪرَم ڪا،
تين جنهن ساڻُ گم رنَج و اَلم سيِ.

( 6 )

نــگــاهِ نــاز جــو آهــي اَثر سپ،
سُــڪون قلب ٿيو زير و زبر سپ.

پريــن آيــو تــہ گهــر آبــاد ٿيـنــدو،
سـوا ان جــي ســجا ديــوار و در ســپ.

سـڄڻ جــي سـونهن جــي آڏو ازل کــان،
سر تسـليم خـم، شمـس و قمـر سـپ.

هـي ڪنهنجـي آمـدَ آمــدَ آه جــڳ ۾؟
بَــهرَسـوُ منتظـر جـِـن و بشـر سـپ.

مبــارڪ خصلتــون خيــر الــوريٰ جــون،
خدا جـون سنهن تــہ آهـن خوبتـر سـپ.

جهليـو جنهـن هـٿ ۾ دامانِ محمـدﷺ،
حــوادث ان جــي آڏو بـــي اثــر ســپ.

لـــب و دنـــدان ان جــا لال، ابيـــض،
لڄي تنِ جـي اڳيـان لعـل و گُـهر سپ.

اچـڻ سـان ان جـي تـي قـائم اخـوت،
طيـور رنـگ وبــو جـي بـال و پـر سـپ.

ونــو جيئــن ابــرِ بــارانِ محمــد ﷺ،
ٽڙي ويا ڪفر جا ڪارا ڪڪر سـپ.

چــڙو "ذاڪــر" نــہ محتــاجِ ڪــرم آ،
شفيع المذنـبين ﷺ جــي درِ دگرَ سـپ.

## ( 7 )

هي ڪنهن جي ياد ڪنهن جي آرزو سپ،
گدائــي ميڪـــده، ميخانـــه رُو ســـپ.

خمـــار انگيـــز ســـاقي جـــون اڌائـــون،
نچــن تــا روز پيمانــا ســُبــُــو ســـپ.

حســـينانِ جهـــان ســـپ هيـــچ آهـــن،
شــَــهِ خوبــان جــي آڌو خوبــرو ســـپ.

هي ڪنهــن جــي آجيــان عــرشِ بريــن تــي؟
فرشـــتا دســـت بســـته، بـــاوضو ســـپ.

ڪئي معبــود ســان جـا عبـد، ســا هئــي،
گنهگــارن جــي حــق ۾ گفتگـــو ســـپ.

جمـــالِ اوليـــن جـــي جـــان، احمـــدﷺ،
حقيقـــت ســـان حقيقـــت هوبهـــو ســـپ.

اَســـيرِ زلـــفِ جانـــان ســـاري دنيـــا،
هـــُتي اهـلِ سمـا پـــابندِ مـــو ســـپ.
شـــفيع المذنبيـــن جـــي ســـام آهيـــون،
انهــي جــي هــٿ اســان جــي آبــرو ســـپ.
ڏســـان ذاڪـــر مدينـــو زندگـــي ۾،
پسان رنگين نظارا روبرو سپ.

## ( 8 )

تنهنجو صورت ۾، نہ سيرت ۾ ڪو ثاني، جاني،
منفرد حسنِ ازل جي تون نشاني، جاني.

منڪشف اهلِ نظر تي ٿيا اسرارِ حيات،
تنهنجي آمد سان ڪُليا رازِ نهاني، جاني.

لم يزلَ جنهن کي چئون، تنهنجي تون تشڪيلِ خيال،
سڀ فنا، تنهنجو مگر عشق نہ فاني، جاني.

تنهنجي اعجازِ همہ دانيءَ فطرت تان نثار،
اهلِ دانش جي سڄي فلسفہ داني، جاني.

حق ادا تنهنجي ثنا جو چا ڪري ڪنهن جي زبان؟
عاجز آهن همہ الفاظ و معاني، جاني.

هي سڄي طالبِ ديدار جي درمان طلبي،
چشم آزرده مان اشڪن جي رواني، جاني.

تو جڏهن شاهِ اُممُ تاجِ حقيقت پهريو،
ختم ٿي خوگرِ اوهام جي خاني، جاني.

حلقهٔ زلفِ سيہ، دام نرالو تنهنجو،
يورشِ لشڪرِ مُژگان بہ يگاني، جاني.

باعثِ لطف و ڪرم مايهٔ تسليم و رضا،
تنهنجي تعريف ۾ ذاڪر جي زباني، جاني.

## ( 9 )

جمالِ اولين، جانِ محمد،
شعاعِ آخرين، شانِ محمد.

لقب ان جو شه لولاڪ آهي،
شفيع المذنبين شانِ محمد.

تصور ڪان متاهون مان ان جو،
خدا بس مرتبہ دان محمد.

شفاعت جو خدا ڪان اذنُ ورتو،
اهو اُمت تي احسانِ محمد.

انهي ڪان وڌ نہ ڪا تعريف انجي،
خدا خود آ ثناخوانِ محمد.

ڪري دنيا جي هردم دستگيري،
جنهين جي هٿ ۾ دامانِ محمد.

اجايل ڪو اتان خالي نہ موٽيو،
خوشا فيض خمستانِ محمد.

حوادث لرزه براندام ان ڪان،
جنهين جي هٿ ۾ دامانِ محمد.

تمنا آهہ "ذاڪر" زندگي جي،
رهان دائم تي دربانِ محمد.

## ( 10 )

سڀي مخلوق ڪان وڌ مان ان جو،
شهِ لولاڪ آهي شان ان جو.

هلي جن و بشر تي حڪمراني،
فرشتن تي هلي فرمان ان جو.

خدا بخشي ڇڏي ان کي خدائي؛
محمد ٿيو جڏهن مهمان ان جو.

جنهين جي هٿ ۾ دامانِ محمد،
ٿيو هر مرحلو آسان ان جو.

محمد سان محبت ناهي جنهن کي،
ٿيو ساقط سڄو ايمان ان جو.

بروزِ حشر هوندو پاڻ حامي،
اتي ٿيندو وڏو احسان ان جو.

مقامِ رحمت آهي پاڪ روضو،
عنايت جي جڳهه ايوان ان جو.

ڏسان شل روضهٔ اطهر اکين سان،
بهاريان عجز سان ايوان ان جو.

ڪرائي پنهنجي "ذاڪر" کي زيارت،
اچي پورو ڪري ارمان ان جو.

( 11 )

هر طرف حسن جي سيمين بدني کي تہ ڏسو!
جلوهٔ يار جي ظلمت شڪني کي تہ ڏسو!

غنچهٔ و گُل وري صدَ رنگ جا چوغا پاتا،
سادي گلشن جي گُلَ پيرَ هَنِي کي تہ ڏسو

سِر تي سهرن کي ٻڌي آئي وري بادِ صبا،
باد صرصر جي وري بي ڪفني کي تہ ڏسو

رقصِ طائوس، عنادل جي خوش الحاني،
رنگِ فنڪاري و شيرين سخني کي تہ ڏسو

قابلِ ديد تي شبنم جي گُهرَ افشاني،
صحن گلشن تي عقيقِ يمني کي تہ ڏسو

گلبدن آيو بانداز نسيم سحري،
ان جي نازڪ بدني سيم تني کي تہ ڏسو

گلشنِ دَهر جي دامن تي عجب نقش و نگار،
رنگِ اعجاز رسولِ مدنيﷺ کي تہ ڏسو

فصلِ گل ۾ رهيو جو دور اوهان کان اي دوست،
پنهنجي"ذاڪر"جي غريب الوطني کي تہ ڏسو!

## ( 12 )

تنهنجي عظمت، تنهنجو اعليٰ شان ختم المرسلينﷺ،
مدح خوان جن و ملڪ انسان ختم المرسلينﷺ.

وجه تخليقات، تمهيدِ وجودِ ڪائنات،
تنهنجي دم سان عالمِ امڪان ختم المرسلينﷺ.

پاسبانِ عشقِ حق، حسنِ ازل جي آبرو،
تون جمالِ اولين جي جان ختم المرسلينﷺ.

ڪهڪشان ٽيڙو، ڪتيون، سج چنڊ اسبابِ جمال،
حسن تنهنجي تي همه حيران ختم المرسلينﷺ.

بي سهارن جو سهارو، بيقرارن لئه قرار،
تون سڪونِ قلب جو سامان ختم المرسلينﷺ.

تون وَصِي وارث وسيلو، بيڪسن جو پرچهلو،
تنهنجا اُمت تي وڏا احسان ختم المرسلينﷺ.

تنهنجو نالو وِردُ بڻجي ويو زبانِ خلق جي،
پيو پڙهي صلوا عليٰ سبحان ختم المرسلينﷺ.

چو ستائي ان ڪي خورشيدِ قيامت جو خيال،
جنهن تي تنهنجو سايهٔ دامان ختم المرسلينﷺ.

مال و زر اولاد"ذاڪر" جي اڳيان سڀ هيچ آهه،
تو تان قربان، دين ۽ ايمان ختم المرسلينﷺ.

## ( 13 )

پيارج پنهنجي رندن کي مئي عرفان اي ساقي!
سچائي جيئن سگهن تنهنجو، خدا جو شان اي ساقي!

هجي گردش ۾ خم تي خم ۽ پيماني تي پيمانو،
تہ منجي گردشِ ايام جو امڪان اي ساقي!

ڪڏهن ڪو تشنہ لب موٽي نہ آيو تنهنجي محفل مان،
هي تنهنجو هر اُجايل تي وڏو احسان اي ساقي!

پيارين جام تو جنهن دم، نظر مئي سان ملائين تو،
ملي تو تنهنجي ميخوارن کي دُهرودان اي ساقي!

وڌي دستِ طلب ڪان اڳ ۾ تو دستِ سخا تنهنجو،
هي تنهنجو شان اي ساقي، هي تنهنجو شان اي ساقي!

هي تنهنجو مئي ڪدو منهنجي متاعِ زندگي آهي،
درِ ميخانہ تي قربان منهنجي جان اي ساقي!

اسان ۽ ترڪ ميخواري، اها پڻ تشنہ لب هوندي؟
هي تنهنجي باده مستين تي وڏو بهتان اي ساقي!

هي ويچارا، انهن جي تنهنجي هٿ ۾ آبرو آهي،
اچي پيا سام تنهنجي بي سرو سامان اي ساقي!

عطائي عام جي دوران ملي ڪجهہ تنهنجي"ذاڪر" کي،
جو آهي گردشِ ايام ۾ غلطان اي ساقي!

## ( 14 )

تئي نہ ختم ڪڏهن دورِ جام اي ساقي!
اسان جو حسن طلب، ناتمام اي ساقي!

پيار پنهنجي هٿن سان تون باده مستن کي،
ملي جي غير کان باده، حرام اي ساقي!

وڃن تہ ڪهڙي طرف، تنهنجي ميڪدي کي ڇڏي؟
ڪٿي ڪو امن جو اهڙو مقام اي ساقي؟

وري بہ باده ڪشن جي طرف نگاهِ ڪرم،
رهن تہ رند اڃا تشنہ ڪام اي ساقي!

اوهان جي بزم تہ سرچشمۂ حيات بڻي،
خوشا، هي سلسلۂ فيضِ عام اي ساقي!

اسان تہ گردشِ دوران کان بي نياز آهيون،
هٿون تہ تنهنجي سهاري تي هام اي ساقي!

انهن کي گرميءَ محشر جو ڇو رهي خطرو،
جي تنهنجي سايۂ گيسو ۾ شام اي ساقي!

جو تنهنجي مدح ۾ نڪتو زبان"ذاڪر" مان،
اهوئي فخر جي قابل ڪلام اي ساقي!

( 15 )

لطف و ڪرم جو گنج محمد جي ذات آ،
ڪاسہ بدست جنهن جي اڳيان ڪائنات آ.

اعجاز ڏس تہ ساقيءُ ڪوثر جو هر گدا،
بزمِ جهان ۾ قاسمِ آبِ حيات آ.

ايڏو تہ آهہ شافعِ محشر ۾ پروسو،
عاصين جي ڇڻ هٿن ۾ ڪليدِ نجات آ.

شمس و قمر نجومِ فلڪ، برق کي ملي،
نُورالوريٰ جي حسن و ضيا مان زڪوات آ.

حُجت دليل ڪان متي معراج جو مقام،
هي واردات عشق و محبت جي بات آ.

ذوقِ طلب کي سنگِ درِ مصطفيٰ ملي،
هي مقصدِ حيات، اهو حاصلات آ.

مرده دلين جي جان ۽ هر درد جي دوا،
عشقِ رسول وَجه هَمَہ التفات آ.

صَلوا عَلَيٰ جو ورد زبان تي رهي تہ بس،
هر شامِ غم، بشارتِ صبحِ برات آ.

اي بيڪسن جا يارا مددگار! المدد،
ذاڪر اسيرِ فتنۂِ لات و منات آ.

( 16 )

روزِ ازل جي گفتگو، صلوا عليه و آلہٖ،
پوشيده رخ يا روبرو، صلوا عليه وآلہٖ.

خلاق اڪبر ڪان مليو جنهن کي لقب "لولاڪ" جو،
وجہِ وجودِ هاؤ هُو، صلوا عليه وآلہٖ.

عشق و محبت کي مليو اعجاز جنهن جي ذات کان،
حسنِ ازل کي آبرو، صلوا عليه وآلہٖ.

جن و بشر جي مدعا بحروبيابان جي طلب،
ارض و سما جي آرزو، صلوا عليه وآلہٖ.

ظلمات کي پهتي ضيا، جنهن شمع تابان جي طفيل،
چمڪاٽ جنهن جو چارسو، صلوا عليه وآلہٖ.

هر جنس جو جوهر هجي، يا پڻ هجي ان جو عَرَض،
هر هڪ کي جنهنجي جستجو، صلوا عليه وآلہٖ.

جنهن حسن جي آڏو رهن سج چنڊ تارا شرمسار،
جنهن کان خجل هر خوبرو، صلوا عليه وآلہٖ.

جسانِ جمالِ اولين، يا نغمۂ سازِ اَلَستَ،
هر زاويہ کان هُو بہو، صلوا عليه وآلہٖ.

مَرهُون مِنت آه جنهن ڪلمي ڪان"ذاڪر"جي زبان،
محروم آ جنهن کان عدو، صلوا عليه وآلہٖ.

## ( 17 )

دلِ بيقرار جي آرزو، نہ تہ سيم و زر نہ سڪندري،
جا سڪون قلب ڪري عطا، درِ مصطفيٰ جي گداگري.

شہِ دوسريٰ جي حضور مان ٿئي فيضياب ٿو هر گدا،
جيٰ ڪٿو ملي تہ گهٽو، مگر، جي گهٽو تہ آہ تونگري.

اها وضع پيرِ مغان سندي، اهو ميڪدي جو مزاج آ،
جي ڪري ڪو عرض اچا اچا، ملي جام جلد وري وري.

ڪفِ پائے يار جي خاڪ جو ڇا مقام آہ ڇا مرتبو،
جي مٽي ڪي لاءِ تہ مشڪ پر، جي اکين ۾ پاءِ اُجاگري.

بَحضور قلبُ تَجي فدا، اچي بارگاہِ جمال ۾،
اها آہ عشق جي ارتقا، اها آہ ڪار قلندري.

بتِ بي جمال جي نقش ۾ نہ تہ منهنجي يارجو ڪو نشان،
نڪا زندگي، نڪا دلڪشي، نڪا دلبري، نہ دلاوري.

هي شعاعِ شمس و قمر نہ آ، نہ ڪو نور آہ نجوم جو،
جا ضِياء هر دوجهان آ، اها شمعِ حسن پَيَمبَري.

سرِدار صبر جميل پي، تَہِ تيغ سَربَسجُود پي،
هي مقام آل رسولﷺ آ، ڪري ڪير ان سان برابري.

تون اي ذات پاڪ پڇاءِ"ذاڪر"ڪم نظر ڪي حجاز ۾،
تہ اکين جو نور وڌي وڃي، ٿئي دور ديد جي ڪمتري.

## ( 18 )

وري بـزمِ نـاز ۾ حسـنِ يـار جـي ڏوم ڏام بلـي بلـي،
ڪيو جشن عـام جـو عاشـقن اچـي اهتمـام بلـي بلـي.

ڪيو آه اهـلِ سمـا ڪـي ابروئـي نـاز قيـد ڪمنـد سـان،
هتـي سـاڪنانِ زميـن ڪـي زلـفِ سـيَـه جـي دام بلـي بلـي.

رخ بـي نقـاب ڪـان بهـره يـاب ٿـي آفتـاب جـي انجمـن،
ڏسـو بـي مثـال جمـالِ يـار جـو فيـض عـام بلـي بلـي.

ڪئي بـو تـہ ڪنهنجي بـدن عطـا، اهـو لـون ڪنهنجـي لبـن ڏنـو،
گـل و لالـہ جـي رخ احمريـن ڪـي عـام جـام بلـي بلـي.

ٿئـي دسـت فيـض دراز، ان ڪـان اڳـي نگـاهِ ڪـرم وڌي،
ڪئـي بـاده خـوار جـي دور، تشـنہ لبـي تمـام بلـئي بلـي.

بـہَـراز غمـزهٔ و نـاز آئـي سـڄڻ ڪـان بـادِ صبـا ڪٹـي،
غـمِ دوجهـان ڪـي غلـط ڪـرڻ جـو پڪـو پيـام بلـي بلـي.

درِميڪـده تـي اچـي مڙيـا ڪئيـن رنـد ديـر و حـرم ڇـڏي،
ڏسـي بـي حسـاب عطـائي عـام جـو انتظـام بلـي بلـي.

اهـا ڪنهنجي ذات ڪـان ڏات "ذاڪـر"جي زبـان ڪـي نصيب ٿـي،
مليـو بـات بـات ڪـي معجـزه ڪـان مٿـي مقـام بلـي بلـي.

## ( 19 )

نظام شمس ڏسو، حسن جي برات ڏسو!
رخِ حبيب کان روشن هي ڪائنات ڏسو!

ظهورِ نور کان اڳ ۾، ظهورِ نور کان پوءِ،
جمالِ يار جي صورت ۾ حسنِ ذات ڏسو!

ملي جا سونهن ثريا کي، ڪهڪشان کي جمال،
ضيائي روئي محمد ﷺ منجهان زڪوات ڏسو!

سڪون قلب جو، وسعت نظر جي، دل جو قرار،
تمام مدح محمد ﷺ جا معجزات ڏسو!

مقام بنده و آقا ڪٿي، وصال ڪٿي؟
نياز و ناز جي وچ ۾ تعلقات ڏسو!

هي ڪنهنجو عرضِ تمنا هو، ڪنهنجو لطف و ڪرم،
جي دل جا دل سان رهڻ تا معاملات ڏسو!

نگاه اهلِ سما منتظر، دليون بي تاب،
لقائي حسن جي خاطر لوازمات ڏسو!

مقام طور تي ڇا ڇا ادب جون تلقينون،
فراز عرش تي ترڪِ تڪلفات ڏسو!

ملي جا گردشِ دوران جي غم کان "ذاڪر" کي،
نبي ﷺ جي نعمت سرائي سبب نجات ڏسو!

( 20 )

زمین مین، آسمانون مین، فضا مین، بحر مین بر مین،
نہ تیرا مثل مظهر مین نہ تیرا مثل منظر مین.

عطا کي خلعتِ لولاک تجھہ کو رب اکبر نے ،
ملي دارین کي "دولت" تیري دامانِ اطهر مین.

وقارِ حسن تو، حسنِ ازل کي آبرو تو هے ،
جمالِ اولین کي ضو هے پنهان تیري جوهر مین.

تیري رخسار و لب سے پیرهن سے مستعار آئي،
یہ رنگت لالہ و گل مین یہ خوشبو مشک و عنبر مین.

تیري میخانے کے اعجاز کا احسان هے مجھہ پر،
کہ حورِ بادۂ عرفان هے رقصان میري ساغر مین.

مجھہ جب یاد آتي هے تیري بنده نوازي کي،
خوشي بن کر سما جاتي هے میري قلب مضطر مین.

هوئي جب پرسشِ احوال هم سے شافعِ محشر،
تیري دامن کو بڑھہ کر تھام لین گے روزِ محشر مین.

خوشا، میري فضیلت کاتبِ تقدیر نے لکھہ دي،
سعادت اُمتِ مرحوم هونے کي مقدر مین.

ملي هے حق سے هر صنفِ سخن پر برتري اسکو،
جو "ذاکر" کي زبان نے کچھہ کها نعت پیمبر مین.

# رباعيات

عارض کي ڏنم صبح طَرَب جي صورت،
زلفن کي سيه رنگيءَ شب جي صورت.
انداز صنم، سحر- نظر، هوش ربا،
گل فاميءَ اندام غضب جي صورت.

---

جيڏهن بہ ڏسو نور جي برسات آهي،
هر شيءِ ۾ رچيل رنگ ڪمالات آهي.
ڀڪي تہ ڀلا کهڙي سبب ڪان ڪونين،
معراج مبارڪ جي ڀلي رات آهي.

---

ڇا لئہ هي سڄي رونق افلاڪ آهي؟
هي ڪنهن جي سر عرش برين هاڪ آهي؟
تسبيحؔ رقم آهہ ڇو اڄ لوح و قلم؟
مهمانِ خدا، صاحبِ لولاڪ آهي.

---

دلسوز جڏهن حشر جو منظر هوندو،
خورشيد بسترِ عرصۂ محشر هوندو.
اندوہ مڪافات جي ان عالم ۾،
پيمانہ بڪف ساقيءَ ڪوثر هوندو.

---

دڙڪا ٿي ڏئين مونکي، اڏين دام تہ پوءِ؟
محشر جو مچائي ڇڏيان کهرام تہ پوءِ؟
اي گردشِ دوران، گهڻو گوڙ نہ ڪر!
سردارِ دوعالم جي پوان سام تہ پوءِ؟

# نعتيہ غزل

محبــــوب ذاتِ كبريـــــا،
ختـــر الرســل، خيـــر الـــوريٰ،
معــراج جنهـــن جــي منتهـــا،
بلــــغ العلـــيٰ بكمالــــہٖ

دنيـا نــ كـي دسـتور هئـو،
ان دم بــ حسـنِ حضـور هئـو،
سـهڻو سـراپا، نـور هئـو،
"كشـف الدجـيٰ بجمالـہٖ"

لطـف و كـرم مهـر و عطـا،
شـفقت شـفاعت ۽ شـفاعت،
حلـم و حميـت ۽ حيـا،
"حَسُـنت جميـع خصالـہٖ"

لـولاڪ جنهـن جـو شـان آ،
تعريـف كـل قـرآن آ،
مـولا بــ مدحـت خـوان آ،
"صلـوا عليـه و آلـہٖ"

(2)

کيو آگي اعليٰ شان، محمدﷺ عربي جو،
مخلوق مٿاهون مان، محمد ﷺ عربي جو.
رحمت رب جي ٻڌجي آيو،
سهڻل جو سيني تي سايو،
دارين مٿان دامان- محمدﷺ عربي جو.
خجل ٿيو خورشيد درخشان،
حسن ڏسي ٿيون حورون حيران،
رخ روشن نور نشان- محمد ﷺ عربي جو.
شان شفاعت شاهنشاهي،
عاصين لئه هو رحم الاهي،
ساري اُمت تي احسان- محمد ﷺ عربي جو.
بات سچڻ جي بات خدا جي،
راه پرين جي راه هديٰ جي،
هر قول عمل قرآن- محمدﷺ عربي جو.
علم زمين جو سرت سماوي،
هرحکمت تي هردم حاوي،
آهي عشق عقل عرفان- محمدﷺ عربي جو.
ارض و سما آيات پڙهن ٿا،
صلِ عليٰ صلوات پڙهن ٿا،
خود موليٰ مدحت خوان- محمدﷺ عربي جو.
سردارعلي سلطان هجي کو،
خسرو يا خاقان هجي کو،
آهي دايو يا دربان- محمدﷺ عربي جو.

## ( 3 )

تنهنجي چشمن ڪيو بي چين پرين،
تنهنجا آهُوءَ وارا عين پرين.

تنهنجون پنبڙيون تيون پيڪان هٽن،
تنهنجون ڪجليون پيٽا ڪان هٽن،
بي پرواهيءَ سان بان هٽن،
تنهنجا ڪج اَبرُو قَوسَين پرين.

تنهنجو پرور ڏي پرواز تيو،
توتي رب جو ڪيڏو راز تيو،
متان عرش منجهان آواز تيو،
هتي لاه نه تون نعلين پرين.

وه، وصل جو حال حسينُ هيو،
جنهن جو آگو پاڻ امين هو،
اُتي پردو هو يا ڪين هيو،
تنهنجي مولا جي مابين پرين.

جن جا ڏيل ڏکيا تي ڏوهه ڏسي،
پنهنجي عصيان جا انبوهه ڏسي،
آيا تو در تنهنجو توهه ڏسي،
تنهنجي سام پيا ثقلين پرين.

جيڪــي غــرق گنــاهن منجهـــ گنــدا،
اهــي حشــر جــي عــالم ڪيئــن ڪنــدا،
تنهنجـــي لوئـــي ۾ آخــر لِـــــڪندا،
تنهنجـــي دامـَــن ۾ داريـــن پريـــن.

لـــولاڪ لمـــا تنهنجـــو شـــان ســـچڻ،
توڪـــي مـــولا بخشـــيو مـــان ســـچڻ،
تنهنجي هـٿ ۾ مـَـحلَ مـَـڪان سـچڻ،
تنهنجـــي قدمـــن ۾ ڪونيـــن پريـــن.

تنهنجـــو عشـــق ڪپـــي احســـان ڪپـــي،
پنهنجـــي دردن جـــو درمـــان ڪپـــي،
مـــون ڪـــي داتـــا توڪـــان ڍان ڪپـــي،
”ســـردار علـــي“ هـَــنئين ســـَين پريـــن.

## ( 4 )

متاعِ عشق کي جيکي مدام تا سمجهن،
حقيقتاً سي محبت جي مام تا سمجهن.

مزيد کهڙو ڏيون پنهنجي بندگي جو ثبوت،
اسان کي غير بہ تنهنجو غلام تا سمجهن.

پيار پنهنجي هٿن سان کو جام اي ساقي،
هي رند خود کي اجا تشنہ کام تا سمجهن.

حريم ناز ڏي جيکي ويا، وري نہ وريا،
ديار حسن کي دارُ السلام تا سمجهن.

جنون کي کيئن نہ بنائين سي پيشوا پنهنجو،
جي راهِ عشق کي مشکل مقام تا سمجهن.

رهي تو باده پرستن کي بي خودي ۾ شعور،
هو تنهنجي بزم کي بيت الحرام تا سمجهن.

هي طالبانِ حقيقت، هي ساجدانِ جمال،
ازل کان عشق کي پنهنجو امام تا سمجهن.

عطائے عشق جي صدقي تمام اَهل نظر،
اسان کي لائق صد احترام تا سمجهن.

انهن جي ذره نوازي جو ذکر کر "ذاکر"،
جي توکي پنهنجي سيادَت ۾ سام تا سمجهن.

# ڪافي رنگ

تنهنجي حسن ڪيا حيران پرين،
سپ جِنَ مَلَڪَ انسان پرين.

ڪتي حسن حجابي حور سندو،
ڪتي شعلو تابان طور سندو،
ڪتي عرش تي جلوو نور سندو،
تون تہ هر جلوي جي جان پرين.

تنهنجي سونهن اڳيان سنسار جهڪن،
مہ و انجم جا انوار جهڪن،
هڪ وار نہ پر سؤ وار جهڪن،
تون تہ صورت جو سلطان پرين.

سردار هجن، سلطان هجن،
پنهنجي ليکي خاني خان هجن،
ڪي خسرو يا خاقان هجن،
تنهنجي در جا سپ دربان پرين.

توکي محبوبي معراج مليو،
"لولاڪ لما" جو تاج مليو،
پنهنجي ڏاترڪان جيڪو ڏاج مليو،
سو تہ شاهنشاهي شان پرين.

توسان نسبت، تنهنجو نام سچڻ،
هر عاصي لئي آرام سچڻ،
"سردارعلي" تنهنجي سام سچڻ،
ڪر عاجز تي احسان پرين.

(2)

تنهنجي سونهن بنا سرڪار،
جڳ ۾ اونده انڌوڪار.

سج چنڊ ڪتيون ٽيڙو تارا،
سونهن سنواريا تنهنجي سارا.
جيڪي چمڪن ٿا چوڌار،
آنڌئون توکان روپُ اُڌار......

حسن تنهنجي خيرات ورهائي،
ساري جڳ جي سونهن وڌائي.
توکان آئي بوءِ بهار،
جنهن کان هنڌ هنڌ ٿي هيڪار.....

چوڏِس چمڪيا، نور نظارا،
من موهيندڙ پيارا پيارا.
هي گل ڦل ۽ هي گلزار،
تنهنجي روپ جا رنگ هزار......

رحمت تنهنجي رنگ رَچايو،
سانوڻ جو سيني تي سايو.
لڏي سارنگ جڳ جي سار،
ٿي ويا برپٽ باغ بهار......

جلــوا جــڳ مــڳ نــور نشــاني،
ســاڻ ســچ تنهنجــا ســلطاني.
هــڪ صــورت پيــو ســينگار،
جنهــن تــان پيئــي جــڳ پلهــار......

ٻــول تنهنجــا اڻ مــول وڻــن ٿــا،
مــُـڪ مــان چــڻ پکــراج ڇڻــن ٿــا.
تنهنجــــي گنجينـــو گفتـــار،
جنهـــن ۾ هيـــرا لعـــل هـــزار......

"ذاڪـــر" تـــو در آه ســـوالي،
راحـــم ڪـــر ان جـــي رکوالـــي.
هـــي لاغـــر ۽ لاچـــار،
تنهنجـــي ســـام پيـــو ســـردار......

تنهنجـــي ســـونهن بنـــان ســـرڪار،
جـــڳ ۾ اوندهـــ انڌوڪـــار.

## ( 3 )

مان تہ سيد تنهنجي سام،
اچي ڪر مهرَ محمد چام.

روئندي رات ڪٽيان تو ڪاري، گوندر ڏينهن گذاريان،
ورهہ وڇوڙي جي هڪ ساعت سال برابر ساريان،
دل بيتاب اُداسي اڪيون، نيڻين ننڊ حرام،
اچي ڪر مِهرَ محمد چام.

پنڌ پراهون منزل مشڪل ويتر ڪوسي واري،
بار گناهن جو سر باري سونهون، ناهہ، سواري،
واٽ اٿانگي ۾ ڪر واهر، اوکي ويل امام،
اچي ڪر مِهرَ محمد چام.

هجر جو حال هنجُن جي مسُ سان رات لکيون مون روئي،
هڪڙي سٽَ ۾ يارَا! سمهويم پنهنجو سُور سيوئي،
تنهنجي ماڙِ بنان اي مُرسل، منهنجي مَن اندر ماتام،
اچي ڪر مِهرَ محمد چام.

دور رهين تو دلبر دل جو ڪيئن مان سور سٽايان،
درد جي هيءَ روئداد مان توٽ ڪهڙي ريت رسايان،
قاصد ڪونہ پڄائي ڪاغذ پانڌي ڪو پيغام،
اچي ڪر مِهرَ محمد چام.

بات ڪير بيداد نگر جي همت سان حق گوئي،
جبرَ جي طرفان جيل مليو، ڪر دوست اچي دلجوئي،
تنهن ڏيَ تي، ڏاڍِ جي آڏو هوت هنئين مون هام،
اچي ڪر مِهرَ محمد چام.

قيد جي قهر مصيبت سان گڏ، مرضن آهہ منجهايو،
حال غريبي هيٺو پنهنجو سات نہ ڪو سرمايو،
دارون درد بچيو بس مون لئہ نافع تنهنجو نام،
اچي ڪر مِهرَ محمد چام.

ڏاڍا پنهنجو ڏاڍُ ڪري مون هيٺي کي هيسائن،
هڪڙي ڪيس ختم ٿيڻ تي ٻيو ٿا ڪيس بنائن،
اهڙي ريت مچايو مون لئہ ڪم ظرفن ڪهرام،
اچي ڪر مِهرَ محمد چام.

مولا توکي پاڻ عطا ڪئي محشر جي مختاري،
دردمندن کي تنهنجي ڪافي، دنيا ۾ دلداري،
هُتِ پڻ شاهہ شفاعت گهرجي، رهبر روز قيام،
اچي ڪر مِهرَ محمد چام.

تون صاحب ثقلين جو سائين تو وٽ سڀ سرمايو،
مان محتاج مراڻي منگتو، تنهنجي در جو دايو،
دان گهران تو داتا، ڏي ڪو عاجز کي انعام،
اچي ڪر مِهرَ محمد چام.

"ذاڪر" پيو زندان ۾ تنهنجي مدح محمد ڳائي،
بند ۾ هي بي واهو، تنهنجي واهر ڏي وايجهائي،
ظلم جا ڪڍ زنجير پَڪَن مان، دوست سمورا دام،
اچي ڪر مِهرَ محمد چام.

( 4 )

مان تہ پاند ڳچيءَ ڳل پايان ڙي،
پنهنجي پريتم کي پرچايان ڙي.

کلندي کلندي راءِ رسي ويو،
راءِ کي ڪيئن ريجهايان ڙي.....

ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳوليان ان کي،
واٽن تي واجهايان ڙي......

ڪفني پايان، تلڪ لڳايان،
چير پڳن ڇمڪايان ڙي.....

باجهہ ڪري شل بيهر تنهنجي،
بيجل کي ٻاڏايان ڙي....

ڪرتِ ڪچيءَ جو ڪيتو لوڙيان،
پنهنجي منهن پڇتايان ڙي.....

ساجن کي "سردارعلي" چئي،
سڪ مان سيس نوايان ڙي.

پنهنجي پريتم کي پرچايان ڙي.

## ( 5 )

پکي پيغام پرين جو عجب انداز سان آندو،
کنين جي اوٽ ۾ کنياتي رکي ڪنهن راز سان آندو.

سموئـي کنـپ سـرمائي،
لٽو لامن تان ٽـپ کـائي،
کلي خوش ٿـي، نچي ڳـائي، نيـاپو نـاز سـان آنـدو.

نمـائي سـر ٻـڌي ٻـانهون،
سـٽائي درد جـون دانهـون،
عجيبن جي اڳيـان آهـون، ڪَري ايلاڙ سـان آنـدو.

ڪڍي خط قرب جو ڪـانگل،
ڏنـو اهـڙي ڪـري اٽڪـل،
ٻئي ڪنهن کي نـه ڪـائي ڪل، دبيل آواز سان آندو.

چوي "سـردارعلي" سـٽ جـو،
مليـو انعـام اُلفـتَ جـو،
شـرف نـامو شـفاعت جـو، پکـي پـرواز سـان آنـدو.

## ( 6 )

توڪــــي ســــاجن پــــانهن شـــــيراندي،
ماندي آهيان يار سڄڻ، مان توڪـﺌـ آهيان ماندي.

گوندر ۾ سڄي عمر گذاريم، وار نہ غم ڪان واندي،
سورن جي سوغات مون کي تو هوت ڏني هيڪاندي،
ماندي آهيان يار سڄڻ، مان توڪـﺌـ آهيان ماندي.

ديس ڇڏي پرديس پيس مان تہ امر لکئي هت آندي،
قسمت مون کي قيد ڪيو هت بيوس آهيان باندي،
ماندي آهيان يار سڄڻ، مان توڪـﺌـ آهيان ماندي.

وڇڙي آهيان يار وڳر ڪان دوست ڦران درماندي،
سار لهين ٿل سات ڏٺي مان تہ راهہ سنئين ڪان راندي،
ماندي آهيان يار سڄڻ، مان توڪـﺌـ آهيان ماندي.

چرخو ڇوري سوڙيو سرتين سون رپو ۽ چاندي،
هٿ هٿ تنهنجي حال اهو جو پوري آهہ نہ پاندي،
ماندي آهيان يار سڄڻ، مان توڪـﺌـ آهيان ماندي.

جيئري جي "سردارعلي" ڇٽي دور رهيس درماندي،
مرڻ پڄاڻان مانَ ملي ڪا تنهنجي يار پيراندي،
ماندي آهيان يار سڄڻ، مان توڪـﺌـ آهيان ماندي.

(7)

ڇڏي ويا جوءِ کي جوڳي،
اڇن شل ماڳ تي موٽي.

ڪــڙولا پــرت جــا پــائن،
لڳــن تــي لوهــ لڙڪــائن،
سناســـي ڏوڙ ۾ ڏانئـــن،
ڇڳون سر چيڙهه سان ڇوٽي.

دلـق مـان نفس جـي نـوڙي،
سڄي سـامن ڇڪـي ڇـوڙي،
گندي پنهنجيءَ کي گاروڙي،
ڏيـن ٿـا عشــق جـي اوٽــي.

توڪـل جـا ڪشــي تــوڏا،
ســهي لاحــد ســندا لــوڏا،
ٿيــا اثبــات ڪــي اوڏا،
ٻـڌي جـن"لا" جـي لانگوٽــي.

چــوي "ســردارعلي" ســامي،
آهــن اڳ پــو جــا انجــامي،
ٿينـدا هــر حــال ۾ حــامي،
ڪــري آهيــان تــوڙي ڪوٽــي.

(8)

لهي سات ڏٺي شل سار،
مان ٻلهار- پنهنجي ٻاروچل تان.

وَرَ ڪي ڏير وني ويا،
ڪري ڏوپياٽي ڪان ڏار،
مان ٻلهار، پنهنجي ٻاروچل تان.

ڪاهي وڃان ٿي ڪيچ ڏي،
منهنجي اديون الله توهار،
مان ٻلهار، پنهنجي ٻاروچل تان.

اولو پند پهاڙ جو،
مان ته لاغر ۽ لاچار،
مان ٻلهار، پنهنجي ٻاروچل تان.

ياد رهان شل يار کي،
ڪري پريت مانَ پچار،
مان ٻلهار، پنهنجي ٻاروچل تان.

"سردارعلي"چئي سيگهه مان،
ڪندو پاڻ پنهون پوئوار،
مان ٻلهار، پنهنجي ٻاروچل تان.

## ( 9 )

پنهنجي سانگيئڙن کي ساريان ٿي،
ڏکيا گونڌر ۾ ڏينهن گهاريان ٿي.

بيــوس آهيــان هــت بنديــاڻي،
ســيدَ بنـا پيــو کونهــي ســاڻي،
هنجهون حال پنهنجي تي هاريان تـي.

پـاڻ اچـن يـا قـاصد کوئــي،
راهـ تکيـان پئـي روئـي روئــي،
آلا نيـڻ کٽـي مـان نهاريـان تــي.

رات لڳــي اک پرهـ ڦٽـڻ سـان،
تـر ۾ ڌنـار ڏنـا مـون ڌڻ سـان،
پنهنجي کيتَ کي ڇڻ کيکاريان ٿي.

يـاد اچـن تيـون روح رهـاڻيون،
ڳـالهيون ٻاجهـ ڀريـون ٻاٻـاڻيون،
اهـي سک جـا ڏينهـن سنياريان تــي.

"سـردارعلي"چـوي سـانگي اينـدا،
ڏور ڏکـيءِ جـا سـڀ ڏک ٿينـدا،
انهــي آس ۾ عمــر گذريــان تــي،
پنهنجــي ســانگيئڙن کــي ســاريان تــي.

( 10 )

كالهہ هيا هت كاپڙي،
اڄ جوڳي ڇڏي ويا جوءِ.

جوڳي ڇڏي ويا جوءِ،
هتي برهہ جي باس نہ بوءِ......

ڇڳون وكوڙيل ڇيڙهہ سان،
هٿا ميرا جن جا موءِ......

موتي ڏسن كٿن ماڳ كي،
جن جي روپ نگر ڏي روءِ......

ويراڳين ڇڏي واٽ تي،
سڀ خام خُودي جي خوءِ.....

سامين جي ساهہ ۾،
مون كي هور هيشن ۾ هوءِ.....

"سردارعلي" چوي سيكهہ مان،
وَڃان كاپڙين جي كوءِ.....
كالهہ هيا هتي كاپڙي،
اڄ جوڳي ڇڏي ويا جُوءِ.

( 11 )

مـوٽ مـران تـي مينـــدرا، اَڄُ راڻـــا رحـــم كـــري،
راڻــا رحــم كـــري-الا- تــو ري ســوڍا كيـــن ســري.

راڻا حرف ركي وئيــن، كنهن ٽـَـل سـان كيـن ٽـري.
موٽ مران تي مينڌرا.....

كر كـو توهـ تتـيءَ تـي، منهنجـو نـاكر هـانءَ ٺـري،
موٽ مران تي مينڌرا.....

جانـا هٽـن ٿيـون جيـڏيون، مـون كـي ٻهڳـڻ ٻـاڻ پـري.
موٽ مران تي مينڌرا.....

كنول ٿنا منهنجي كاك تي، تنهنجو ڇانگو شال چري.
موٽ مران تي مينڌرا.....

"سردارعلي"چوي سپرين، مون كي پانهون كـر نـہ پري.
موٽ مران تي مينڌرا،
اڄ راڻا رحـم كري.

## ( 12 )

ٽيندو دلبر مون کان دور، مون کي معلوم نہ هئو.
ڪندو ايڏو ڪيس ڪلور، مون کي معلوم نہ هئو.

گهور هٽي هردل کي گهائن،
ڪجليون ڏاڍا ڪيس ڪرائن،
اهو ڏِيڍنِ جو دستور، مون کي معلوم نہ هئو.

سونهن ٻڌي ساجن جي آيم،
حسن ڏسي سپ هوش وڃايم،
هتي عقل رهي نہ شعور، مون کي معلوم نہ هئو.

عشق کي سمجهيم سهج سکن جو،
برهہ ڏنو پر ڏاج ڏکن جو،
چاکي سوز سڏن چاکي سور، مون کي معلوم نہ هئو.

ننڊ نياڳي سان لنءُ لايم،
هوت هٿن مان پاڻ وڃايم،
پنهنجي قسمت جو هي قصور، مون کي معلوم نہ هئو.

"سردارعلي" هي رنج اجايو،
لايو ٽيندو نيٺ سجايو،
ڪيڏي ٻاجهاري ٻاٻور، مون کي معلوم نہ هئو.

ٽيندو دلبر مون کان ڏار، مون کي معلوم نہ هئو.
ويندو لُٽجي چين قرار، مون کي معلوم نہ هئو.

سور سهي ويٺي نيهن نيايان،
لوڪ سچي ڪان لڙڪ لڪايان،
اهو برهه جو پيٽو بار، مون کي معلوم نه هئو.

لوڪ سچو مهڻن سان ماري،
ساجن پوءِ پي ڪين سنڀاري،
اڄ پونديءِ جو هيءَ پار، مون کي معلوم نه هئو.

بحث نه آهي جائز جن سان،
حجتَ ڪيئن هلي هوتن سان،
سڀ مون ڏي آهه ميار، مون کي معلوم نه هئو.

"سردارعلي" چئي ساجن ايندو،
چوريءَ کي هٿ ڪين ڇڏيندو،
ڪندو پاڻ پرين پوئوار، مون کي معلوم نه هئو.

(13)

ڪر مون ڏي محب مهاڙ، جاني جاڙ اجائي آ.

آس ۾ گذري ويو اونهارو،
سڪ ۾ تنهنجي سرءُ سيارو،
چيٽ ڪَتي اڪاڙ، جاني جاڙ اجائي آ.

چوري ڪي هٿ يار ڇڏي وئين،
من جي اندر منٿار اڏي وئين،
سورن جي سٽ ماڙ، جاني جاڙ اجائي آ.

لوءُ لقاءُ خجالت خواري،
طعنن تُنڪن مهڻن ماري،
برهه جي هي بوڇاڙ، جاني جاڙ اجائي آ.

پرت نه ڪنهن پر آه پسڻ جي،
ڇڏ تون ساجن ريت رسڻ جي،
موٽُ اچي ڪرِ ماڙِ، جاني جاڙ اجائي آ.

اڻ هوندي مون عمر گذاري،
ساجن ڪر تون پاڻ ستارِي،
عيبن ڪي نه اگهاڙ، جاني جاڙ اجائي آ.

"سردارعلي" ڇٽي ٿي تون ساٿي،
ورهه ڪٽي آهيان ويڳاٿي،
پرت اچي تون پاڙ، جاني جاڙ اجائي آ.

( 14 )

جيڏيون ڏسيو جادو يا مون کي راءِ ريجهائي ڏيو،
پاڻهي مجائيندس پرين، هکوار پرچائي ڏيو.

هو راءِ، مان راڻي هيس، هو سرهيو، سينگار مان،
ڪوئرو جي ڪوڙي هار تي پلجي چڏيو پوتار مان،
اڄ تي چوان هي ڪڄ ڪٽيون اُن منڌ کي موٽائي ڏيو......

پردو پيل آهي اجا ڪوئرو جي ڪباري ڪار تي،
پڪ آهه پنهنجي ڪانڌ کي، هن ڪني وکيو مون هار تي،
هونءَ هو مجيندو ڪينڪي، ڪنهن ڏانءَ سان ڏاڻي ڏيو.....

هڪ لوڪ کان آهيان لڄي، پيو ڪانڌ جي آڏو ڪچي،
جي ور اچي موٽي ته مهڻن کان پوان جيڪر بچي،
ڪونرو جي ڪڄ مان ڪانڌ کي چپ چاپ چورائي ڏيو.....

تون چا رسي وئين راءِ منهنجي رات ڪاري تي وئي،
وائي وٽي ڪنهن جي نه، هرهڪ بات باري تي وئي،
هي سپ سنيهو سور جو منهنجي ور کي ورچائي ڏيو.....

سچ ٿيون پڇو سرتيون، چنيسر کان سواءِ آهيان چري،
راجا نه ٿيو راضي ته مهٽي هابُ تي ويندس مري،
"سردارعلي" چئي سرُ گهرو پر سيڻُ سرچائي ڏيو.....

( 15 )

سـڪ سـوز انـدر جـو سـور، وجـي ناسـور ٿيـو،
اهـو دردن جـو دسـتور، مـون کـي منظـور ٿيـو.

عشق سـان هرڪـا هـام اجائي،
هوش هٽيـو هـڪ ٺوڪـر ڪـائي،
سـچو عقـل جـو شـان شـعور، چڪنـا چـور ٿيـو.

جلـوو تنهنجـو نـور نشـاني،
سونهن ۾ ڪونهي تنهنجو ثاني،
ڏنـو جنهـن پـي حسـن حضـور، اُهـو وهلـور ٿيـو.

پختـو پيـچ پريـن سـان پـاتم،
ساجن پنهنجـو صحيـح سـڃاتم،
اهـو محبـت جـو مذڪـور، گهڻـو مشـهور ٿيـو.

محب ڏنـو اچـي ڏاڻ ڏڪـي ڪـي،
پنهنجي هٿن سان پاڻ ڏکي ڪي،
ٽيـا ڪـرُب مڙيئـي ڪـافور، سـچو دک دور ٿيـو.

"سـردارعلي" آهـي ان جـو گولـو،
جنهـن جـي چڱـاين جـو چوپولـو،
مٿي منهـن نـہ اُنهيءَ ڪان مـوڙ، جنهـن جـو مـزدور ٿيـو.

( 16 )

ٿئي محب اڃي مهمان، اهڙو احسان نہ ڪو،
وڃي هرهڪ وهم گمان، رهي حرمان نہ ڪو.

محب بنا دل بيحد ماندي،
ساجن ڪي آهي ٻانهن سيراندي
هتي دَردَنِ جو دهمان، هتي ارمان نہ ڪو.

عينَ- سيه، صدفين جي صورت،
ڪج ابرو قوسين جي صورت،
هرپنبڻي ڄڻ پيڪان، اهڙو پيو ڪان نہ ڪو.

طلب اندر ۾ تات پرين جي،
هردم وائي وات پرين جي،
اهو ضبط وڏو خفقان، جنهن جو درمان نہ ڪو.

محبت جو ملهہ آهہ مهانگو،
سر سان سوڙهو عين سهانگو،
جيڪو مرد چڙهي ميدان، اهڙو نادان نہ ڪو.

"سردارعلي" ڇئي ساهہ پرين لئہ،
تن من ڌن هڏ ماهہ پرين لئہ،
ڪريان جو ڪجهہ پي قربان، منهنجو نقصان نہ ڪو.

## ( 17 )

ڏکي ڪيچ جي منزل ڪاري،
پهچان ڪهڙي ريت پنهون ڪي.

روهه سُجهن تا راهه ۾،
پي واٽ سڃي، ٽين واري،
پهچان ڪهڙي ريت پنهون ڪي.

اوکي واٽ وندر جي،
مون ڪي ڏيرن اڄ ڏيکاري،
پهچان ڪهڙي ريت پنهون ڪي.

قسمت مون سان قهر ڪيو،
منهنجو محب نه آهه مياري،
پهچان ڪهڙي ريت پنهون ڪي.

نڪ نه پڳئون ڪنهن تاک تي،
نڪي ناهه برزخن پاري
پهچان ڪهڙي ريت پنهون ڪي.

حجت ناهي هوت سان،
مان ته آيري ذات هو آري،
پهچان ڪهڙي ريت پنهون ڪي.

"سردارعلي" چئي سيگهه مان،
ڪندو پاڻ پنهون پوئواري،
پهچان ڪهڙي ريت پنهون ڪي.

( 18 )

اجا ڪالهہ وريا وڻجارا- وري سنيريا پورب پار ڏي.

حاڪم منهنجي هانءَ جا،
منهنجي دل جا راج ڏُلارا- وري سنيريا پورب پار ڏي.

روئان رهن تا ڪينڪي،
توڙي نيڻ بڻيا نيسارا- وري سينريا پورب پار ڏي.

سات چڏن پيا سپرين،
جيڪي منهنجا سور سهارا- وري سينريا پورب پار ڏي.

قسمت ڪاري آهيان،
وڻان ڪنهن ڪان ياڳ پلارا- وري سينريا پورب پار ڏي.

اتم آس الله ۾،
من ميڙ مجين موجارا- وري سينريا پورب پار ڏي.

"سردارعلي" چوي سپرين،
مون تي ٻاجهہ ڪندا ٻاجهارا- وري سينريا پورب پار ڏي.

## ( 19 )

دل ڏڙڪ ڏڙڪ ڏم لائي- آئي مند يار ملڻ جي.

گل ڦل ٻوٽا باغ بهاريون،
وڻن ٽڻن جون ٿهڪن ٽاريون،
ٽي ساوڪ ۾ سرهائي- آئي مند يار ملڻ جي.

چيٽ ڦٽڻ جو ٿيو چوٻولو،
اُسريو اَهنج لهي ويو اولو،
هاڻي ڳڙتي آهه اجائي- آئي مند يار ملڻ جي.

ٽڏڙي هير هنئين کي ٺاريو،
سور مٺيا ڳڙتين کي ڳاريو،
اچي مونجهه اندر جي مٽائي- آئي مند يار ملڻ جي.

ڪوئل ڳيچ خوشي جا ڳائي،
بلبل سڪ جا ساز سڻائي،
ڏني وڻ وڻ کي واڌائي- آئي مند يار ملڻ جي.

"سردارعلي" چئي ساجن ايندو،
مرڪي ڏيهه مبارڪ ڏيندو،
ٿيندي پوريءَ ساڻ پلائي- آئي مند يار ملڻ جي.

( 20 )

تنهنجو محب مراڻي آهيان،
ڳايان تنهنجي يار ڳڻن کي.

رخ روشن پُر نور پيشاني،
جلوو تنهنجو جڳ مڳ جاني،
تنهنجي حسن جي هاڪ هلايان،
ڳايان تنهنجي يار ڳُڻن کي.

وار تنهنجا واليل جي صورت،
منهن مهتاب مثالي مورت،
کهڙو سونهن جو حال سڻايان،
ڳايان تنهنجي يار ڳُڻن کي.

تنهنجي پتر پينار اچن ٿا،
ننگ ڇنڊي نروار اچن ٿا،
مان ٻي ڇير ٻڌين ڇمڪايان،
ڳايان تنهنجي يار ڳُڻن کي.

جلوا تنهنجا هر جا ظاهر،
اُتر ڏکڻ ۽ اولهه اوير،
توکي لوڪئون ڪيئن لڪايان،
ڳايان تنهنجي يار ڳُڻن کي.

"سردارعلي" توتان اولي گهولي،
پانهپ وار توسان ٻولي،
تنهنجو چاڪر چونڊ چوايان،
ڳايان تنهنجي يار ڳُڻن کي.

( 21 )

منهنجا هــوت هــلــي هت ايندا،
ٽيندا اڇي حامي منهنجي حال ۾.

محب ايندا منهنجي مـاڳ تــي،
مـون کــي ڏيهــ مبــارڪ ڏيــندا،
ٽيندا اڇي حامي منهنجي حال ۾.

دارون ڪنــدا منهنجــي درد جــو،
اچــي ڏاڻ ڏکــي کـــي ڏســيندا،
ٽيندا اڇي حامي منهنجي حال ۾.

اٿــــــــــــر آس الله ۾،
هتــي ڇــوري ڪيــنَ ڇــڏيندا،
ٽيندا اڇي حامي منهنجي حال ۾.

مهـــر ڪنـــدا معـــذور تـــي،
اچــي پاڄهــ پريــو پوليـنــدا،
ٽيندا اڇي حامي منهنجي حال ۾.

"ســـردارعلي" چئــي ســـپرين،
وٺـــي نـــالِ نمـــاڻي نينــدا،
ٽيندا اڇي حامي منهنجي حال ۾.

## ( 22 )

مون سان مولا محب ملايا،
آيا پنهنجي مِهرَ ڪري معذور ڏي.

حجت جن سان ناهه ڪا،
تن پنهنجا پال پلايا،
آيا پنهنجي مِهرَ ڪري معذور ڏي.

محب مليا، مانداڻ ٿيا،
رت رم جهم جي رنگ لايا.
آيا پنهنجي مِهرَ ڪري معذور ڏي.

دوست ڏنيون اچي دلبريون،
مان تہ ڳيچ خوشي جا ڳايا،
آيا پنهنجي مِهرَ ڪري معذور ڏي.

سڄڻ رسيا اچي سيڪهہ ۾،
منهنجا آڳي عرض اگهايا،
آيا پنهنجي مِهرَ ڪري معذور ڏي.

قرب قريبن جا ڏسي،
ويا اُڏري وهم اجايا،
آيا پنهنجي مِهرَ ڪري معذور ڏي.

"سردارعلي" چوي سپرين،
مون سان پيچ نوان اچي پايا،
آيا پنهنجي مِهرَ ڪري معذور ڏي.

## ( 23 )

پنهنجي ويڙهيچن جا وڻاڻ ڏسي،
رئان رت تي اُجڙ اهڃاڻ ڏسي.

منهنجا مارو ويا مون کان منهڙو مٽي،
سُکيو ساهه، سڦرَ ۾ سيڻَ سٽي،
هتي عمرِ اياڳي ڪيئن ڪٽي؟
پنهنجي پر ۾ پکوڙيل پاڻ ڏسي،
رُئان رت تي اُجڙَ اهڃاڻ ڏسي.

ڪٽي قيد اچي هت ڪال ڏنم،
نکو مارو ڏنم، نکي مال ڏنم،
جهڳا جهورُ پکا پامال ڏنم،
ڏکي ڏيلُ تو سُڃ کي ساڻ ڏسي،
رُئان رت تي اُجڙَ اهڃاڻ ڏسي.

جن کي سکندي ڪيئي سال ٿيا،
وڃي ڪائر ۾ خوشحال ٿيا،
هتي ههڙا منهنجا حال ٿيا،
وڃن پرت وندي کي پاڻَ ڏسي،
رُئان رت تي اُجڙَ اهڃاڻ ڏسي.

مان نه باباڻن جي بول ٻَڌي،
ويا ويڙهيچا مون کان ڏور وڏي،
موٽي سانگيڙن نه ڪا سارَ لڌي.
منهنجي قرب ۾ کهڙي ڪاڻ ڏسي،
رُئان رت تي اُجڙَ اهڃاڻ ڏسي.

مـون کـي ويڙهيچـا نـہ وسـارينـدا،
سـگهو واڳ وطـن ڏي وارينـدا،
منهنجـي پـاپن کـي نـہ پچـارينـدا،
مـون کـي عـاجز ۽ اڻ ڄـاڻ ڏسـي،
رُئـان رت تـي اُجـڙَ اهـجـاڻ ڏسـي.

وڃون نيٺ وريون سارنگ ساٿ کيو،
اجهـو ڏوتيئـڙن جـو ڏرت ويـو،
"سـردارعلي" کـي پـي سـاهہ پيـو.
وري مينهـنِ جـا مانـداڻَ ڏسـي،
رُئـان رت تـي اُجـڙَ اهـجـاڻ ڏسـي.

## ( 24 )

مون کي گهايو تنهنجي گهور پرين،
چڪي چاڪ ٿيا ناسورَ پرين.

تنهنجا ارڏا نيڻ اُچائن ٿا،
هٽي گهورَ دِلينِ کي گهائين ٿا،
تکا ابرو تيغ وَهائين ٿا،

ڪن ڏاڍا ڪيس ڪلور پرين،
مون کي گهايو تنهنجي گهُور پرين.

تنهنجا وار سچڻ واڪيل عجب،
جن ۾ تازا تيل ڦليل عجب،
اِهي نانگ هٽن ٿا نيل عجب،

تنهنجي دامَ جو هي دستور پرين،
مون کي گهايو تنهنجي گهُور پرين.

تنهنجا ڏند سڄڻ دلبند چوان،
لب لعل شهد ۽ قند چوان،
تنهنجا عارض صاف سڳندِ چوان،

تنهنجي پيشاني پُر نُورُ پرين،
مون کي گهايو تنهنجي گهُور پرين.

تنهنجو جوين حسن جمال بلي،
رخ روشن مِهر مثال بلي،
تنهنجي انگ انگ جو احوال بلي،
تنهنجو مُک مُک تي مذکور پرين،
مون کي گهايو تنهنجي گهُور پرين.

تنهنجي سونهن ڀڏي "سردارعلي"،
آيو در تنهنجي دلدار هلي،
کر ان سان اڄي پوتار پلي،
جيکو وِک وِک تي وهلور پرين،
مون کي گهايو تنهنجي گهُور پرين.

## ( 25 )

پنهنجي لالڻ وٽ ليلائي منگتا مانُ وني ويا،
ٻڏي ٻانهون سر نوڙائي در تان دانُ وني ويا.

هستي هوڏ حرام ڪري- وينا هٿ کي هيسائي،
نئڙت منجهہ نهال ٿيا- ويا ساجنُ سرچائي،
پڪو پيمان وني ويا.....

ڪين ڏسن وٽڪار ڏي- ڪا وسندي واجهائي،
چانَو چپر پيو چا ڪندا- جيڪي ساجن جي سائي،
تنبو طولان وني ويا.....

مرض سڄاتو ڪينڪي- چڏيو ويڇن وچڙائي،
دارون دردمندن جو- ڪيو هاديءَ هٿ لائي،
ڏکي درمان وني ويا......

راضي ٿيندو راءِ- مگر ڪو ٻانهپ ٻولائي،
ڪين ڇڏيندو ڪارٽي- ويو ستگر سمجهائي،
گُر ڪان گيان وني ويا......

سام پيو "سردارعلي"- شل محب نہ موٽائي،
واٽ اويڙيءَ مان ڪيڍي- شل دلبر ڏگ لائي،
جهڙو ڪي جوان وني ويا.....

## ( 26 )

تنهنجا عين وِڄهن انبُور،
دل ۾ دام دخل سان.

ڪن ڪيڏا ڪيس ڪلور،
ڪارا نيڻ ڪجل سان.

رخ تنهنجو رحمان جي صورت،
پيشاني پُر نُور،
آهي نسبت هوت حضور،
تنهنجي حسنِ ازل سان.

تنهنجي عين اشاري سان ٿيو،
غين جو ختم غرور،
ٿيا موذي سڀ مفرور،
تنهنجي ٻانهن اجل سان.

ڪن فيڪون جا قصد ڪروڙين،
جنت، طيبا، طور،
ٿيا مِاٽ مڙيئي، مشهور،
تنهنجي رنگ محل سان.

سام پيو "سردار علي"،
ڪئي مُحب مني منظور،
ٿيا درد مڙيئي دور،
ديدن جي درمل سان.

( 27 )

سڻ بي واهي جي بات- راڻا، رات رهي وڃ.
تنهنجي طلب اندر ۾ تات- راڻا، رات رهي وڃ.

روئندي روئندي رات وهاڻي،
پرهه ڦٽي پريات- راڻا، رات رهي وڃ.

پل پل تنهنجا پور پون ٿا،
وَلِ وَلِ وائي وات- راڻا، رات رهي وڃ.

باندي آندي پر هيڪاندي،
سُورن جي سوغات- راڻا، رات رهي وڃ.

آءٌ اڪيلو ٻانهن نہ ٻيلي،
هولَ پريا حالات- راڻا، رات رهي وڃ.

ڏيهہ سڏي شل ڪين ڏهاڳڻ،
هوندين شال حيات- راڻا، رات رهي وڃ.

نيڻ ٻنجي ويا نيسارا،
بند نہ ٿئي برسات- راڻا، رات رهي وڃ.

تو بِنِ راڻا ٿيا ويڳاڻا،
مومل جا محلات- راڻا، رات رهي وڃ.

سام پيو "سردار علي"،
ڪر مرض اڄي سپ مات- راڻا، رات رهي وڃ.

## ( 28 )

توکي ساري منهنجو ساهہ- راڻا، رات رهي وڃ،
ڪر نرمل نيڪ نگاهہ- راڻا، رات رهي وڃ.

تنهنجي اچڻ جي آس اندر ،
روز تڪيان ٿي راهہ- راڻا، رات رهي وڃ.

پاند ٻڪي پائي پرچايان، ،
گنديءَ منجهہ گناهہ- راڻا، رات رهي وڃ.

سهڻا، لوڪ ڪري ٿو مون ڪي،
طعنن ساڻ تباهہ- راڻا، رات رهي وڃ.

آهہ مدد ۾ مينڌرا،
تنهنجي واهر ۾ ويساهہ- راڻا، رات رهي وڃ.

مان لڄ تنهنجي، شال لڪائين،
سودا ڪر ساجاهہ- راڻا، رات رهي وڃ.

رحم وجهي تنهنجي روح ۾،
توکي آٿي شال الله- راڻا، رات رهي وڃ.

سام پيس "سردارعلي" چئي،
تنهنجو پاندُ پناهہ- راڻا، رات رهي وڃ.

## ( 29 )

خدا جي دين جي دولت، حسين ابن علي عليه،
متاعِ عشق و محبت، حسين ابن علي عليه.

نصابِ حق جي عبارت، حسين ابن علي عليه،
رديفَ نظمِ رسالت، حسين ابن علي عليه.

حصار شهرِ شريعت، حسين ابن علي عليه،
حفيظ تاجِ طريقت، حسين ابن علي عليه.

نشان راهہ حقيقت، حسين ابن علي عليه،
عطائي عشقَ جي رفعت، حسين ابن علي عليه.

درود صبح جي دعوت، حسين ابن علي عليه،
نمازِ عشق جي نوبت، حسين ابن علي عليه.

نفس نفس جي نصيحت، حسين ابن علي عليه،
قدم قدم جي قيادت، حسين ابن علي عليه.

شهہ اُمر جي امانت، حسين ابن علي عليه،
عظيم تحفۂ اُمت، حسين ابن علي عليه.

شهيدِ حق و صداقت، حسين ابن علي عليه،
بقائي دِين جي بشارت، حسين ابن علي عليه.

تمنا آهہ اها زندگي ۾ "ذاڪر" جي،
ڪرائي پنهنجي زيارت، حسين ابن علي عليه.

# ( رباعيات )

سلطان شهيدن جو، ولين جو ولي،
عالي نسبي آقا، اصلي نسلي،
ايثار ۾ يڪتائي زمان لمَ يزلي،
سو ابن علي آهه حسَين ابن علي.

---

جنهن اذن شهادت جي ٻڌي بات يلي،
لبيڪ چئي ان جي اڳيان جهولي جهلي،
سر ڏيئي ڪئي پنهنجي حياتي سڦلي،
سو ابن علي آهه حسين ابن علي.

---

هڪ انگ شهادت جو لکيل هئو ازلي،
ناقابلِ تسنيخ اهو لفظ جلي،
جنهن ان جي پروڙي سچي حڪمت عملي،
سو ابن علي آهه حسين ابن علي.

---